# سُهٹي

-- مارچ

پيش ڪندڙ

ماهوار

# سُهڻي

مارچ - ١٩٧٣ع

سال: ۴

نمبر: ٣

ايڊيٽر

[redacted]

# ترتيب


| | | | |
|---|---|---|---|
| | پنهنجي طرفان.... | طارق اشرف | ٣ |
| ڪهاڻيون | ڇتي ڪتي جو موت | آمر جليل | ١٠ |
| | ڪسوٽي | نجم عباسي | ٢١ |
| مضمون | اڄ جو سوال | رسول بخش پليجو | ٤١ |
| | ٤ - مارچ ١٩٦٧ | يوسف لغاري | ٤٥ |
| | ڪجهه ـ ٤ مارچ متعلق | ڄام ساقي | ٧٩ |
| | ٤ - مارچ ١٩٦٧.... | غلام نبي | ٨٥ |
| شعر | وايون | شيخ اياز | ٩٦ |
| | اسين پاڻ رهبر | تنوير عباسي | ١٠٢ |
| | ٤ـ مارچ جي ٻئي ڏينهن | اِمداد حسيني | ١٠٣ |
| | اظهار جي آزادي لاءِ.... | اقبال جتوئي | ١٠٤ |
| | سدا سنڌ رهندي | فتاح ملڪ | ١٠٥ |
| | تنهنجي راهه ۾ | سرفراز راڄڙ | ١٠٥ |
| | ٤ـ مارچ | راز ناٿن شاهي | ١٠٦ |
| | آزاد نظم | نسرين جوڻيجو | ١٠٧ |
| | وائي | ملڪ نديم | ١٠٨ |
| | ٤ - مارچ | زيب پٽي | ١٠٩ |
| | [redacted] | بخش پياسي | ١١٠ |
| | | | ١١١ |

طارق اشرف

قيمت : ۲-۵۰

سال لاءِ : ۲۰-۰۰


سهڻي پبلشرس
الهندو ڪڇو
حيدرآباد، سنڌ.

**SOHNI** PUBLISHERS
F/45-750 WEST KUTCHA
HYDERABAD. SIND.

| | | |
|---|---|---|
| وادي | پٿر | |
| ۴ - مارچ جو پٿر | اسلم ار | |
| بيت | | |
| | خاڪي جويو | |
| ۴ - مارچ | مير محمد پيرزادو | ۱۱۳ |
| ۴ - مارچ جا جوڏا | ستار | ۱۱۴ |
| نظم | | |
| | رحيم سهتو مجاهد | ۱۱۵ |
| ۴- مارچ | نثار بزمي | ۱۱۶ |


## تنقيد ۽ رايا


| | | |
|---|---|---|
| پڙهندڙن جا خط | پڙهندڙن وٽان | ۱۱۷ |


ٽائيٽل: علي اڪبر (سيڻي حق ۽ واسطا قائم)

---


سيد سليم شاه قادري، شاهد پرنٽرز، صدر حيدرآباد سنڌ، مان ڇپرايو.

ٽائيٽل يحيٰ پرنٽرز، نائين جو پڙ، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو

# پنهنجي طرفان ....

## سر ويچڻ جو ڏينهن

▲ ۴- مارچ جو ڏينهن وري آيو آهي.

▲ ۴- مارچ سنڌ جي جوڌن جو ڏينهن آهي.

▲ ۴- مارچ جيئي سنڌ تحريڪ جو جنم ڏينهن آهي.

▲ ۴- مارچ سنڌ ۽ سنڌين لاءِ هڪ عظيم ڏينهن آهي. انهيءَ ڏينهن هڪ پاسي ڪجهه سنڌي شاگرد هئا، ۽ ٻئي طرف آمر ۽ جابر جي سپاهه. سنڌي جوڌا ٺلهين هٿين هئا، ۽ آمر جو ڇاڙتو پنجن ضلعن جي هٿيارن سان ليس پوليس سان گڏ. سنڌي سپوتن کي خبر هئي ته اِهو ڏينهن اچڻو آهي، انهن کي آمر جي ڇاڙتي سان منهن مقابل ٿيڻو پوندو. ته به هو هٿين خالي هئا. پر هنن ڄاتو ٿي، ته سوڀ سدائين حق جي ٿيندي آهي، پوءِ ڇاهي وقتي طور آها شڪست پسجڻ ۾ اچي.

▲ ۴- مارچ جي ڏينهن جيڪا تحريڪ سنڌي شاگردن شروع ڪئي هئي، اِها تحريڪ تيستائين قائم رهندي، جيستائين سنڌ جي ڌرتيءَ کي، سنڌ جي اصلي وارثن کي سندن حق نه ملندا. ۴- مارچ تي، اِنهيءَ تحريڪ ۾ سڀئي سنڌي شاگرد ۽ شاگرد اڳواڻ هڪ پليٽ فارم تي گڏ هئا، ۽ هاڻ جيتوڻيڪ ٽڙي پکڙي ويا آهن ، ته به، هر ڪو، هر هڪ، جدا جدا، سنڌ لاءِ پاڻ پتوڙي پيو.

▲ ۴- مارچ تي سنڌي شاگردن - جوڌن - جوانن پنهنجي ٻڌي، همٿ ۽ طاقت جو جيڪو مظاهرو ڪيو هو، شايد ئي اهڙو ڪٿي ٿيو هجي. انهن اِهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته ناحق- ناانصافي- حق تلفي ڏسي خاموش نه رهبو. خاموش نه رهبو ۽ ٻاهر نڪري اچبو. ٻاهر اچبو ۽ پوري طاقت سان ٽڪربو ۽ جڏهن اهڙا فيصلا ڪيا آهن، ته سختيون برداشت ڪرڻيون ئي پونديون. اهڙن موقعن تي ٻڌي - همٿ - طاقت کي ٽوڙڻ جون سوين ڪوششون ٿينديون آهن. ۴- مارچ جي جوڌن جي ٻڌي، همٿ ۽ طاقت ٽوڙڻ لاءِ به سوين جتن ڪيا ويا، ڪين لالچ ڏنو ويو، دڙڪا ڏنا ويا، دٻ ڏنو ويو- پر سنڌي جوڌن

جي پختي عزم کي لوڏو به نه آيو. جيئن سنڌ تحريڪ دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي ويئي، اهي وڏيڪ طاقت سان اڀريا ٿي. ٤- مارچ جي جوڌن جيڪي مثال قائم ڪيا آهن، اهڙا مثال شايد ئي ڪٿي پسي سگهبا ٤- مارچ جا سرويچ پنهنجي گهرن ۾ ڪونه لڪا ويٺا رهيا، نه ئي هاسٽلن جي ڪمرن ۾ ويهي، درن کي اندران بند ڪري ڇڏيائون، نه ئي ڪجهه ڪوهه ۾، لڪي ڇپي ڪم ڪيائون. ايوب جهڙي آمر ۽ مسرورحسن جهڙي جابر ڪاموري جي سامهون، ڪليو ڪلايو، علي اعلان رستن تي، بازارن ۾، سرڪاري آفيسن ۾ ۽ خود مسرور جي آفيس جي سامهون انهن آمر ۽ جابر کي للڪاريو. انهن نه پوليس جي ڏنڊن جي پرواهه ڪئي، نه ئي رينجرس جي بندوقن جي. انهن سرويچن ۾ ڪي نوجوان هئا ته ڪي ٻار. پرجذبو ۽ عزم پنهنجو جوان هو. انهن آمر ۽ جابر جي ايڏي هٿيار بند قوت جي سامهون آمر جي هڪ پٺي چاڙتي ڊپٽي ڪمشنر، جي منهن تي چماٽ واهي ڪڍي. اها چماٽ هڪ ننڍڙي شاگرد، هڪ وڏي ڪاموري کي سنڌس هٿيار بند قوت جي سامهون نه هڻين هئي. اها چماٽ سچ هڻين هئي ڪوڙ کي. اها چماٽ حق هڻين هئي ناحق کي. سنڌ جا جوڌا نعرا هڻندا رهيا- 'جيئي سنڌ' ۽ آمر جا چاڙتا پنهنجي ڪمرن ۾، مضبوط درن واري ڪمرن ۾، پوليس جي پهري هيٺ، ڏڪندا رهيا ۽ پوين درن کان پٺي جان ڇڏايون.

▲ ٤- مارچ جي شام، جنهن ڏينهن آمر جي هٿيار بند سپاهه، سنڌ جي خالي هٿين جوڌن تي پنهنجو ڀرپور وار ڪيو، اها شام نه هئي، اهو صبح هو. انهيءَ ڏينهن سنڌ ۾، سنڌي تحريڪ جو سج اڀريو هو. انهيءَ ڏينهن سنڌي جوڌن جو جيڪو رت وهيو هو، اهو رت سڪو ڪونه، ۽ نيٺ اٿلي پيو. انهيءَ ڏينهن سنڌ جا سرويچ سوَن جي تعداد ۾ جيل ۾ ويا، ۽ پوءِ جيل جهڙي ۾ هيبتناڪ جڳهه، هڪ اهڙي مقدس جڳهه بنجي وئي، ته جيڪو جيل مان ٿيو اچي، ڄڻ ته کيس بهادري ۽ حب الوطنيءَ جي سند ملي.

▲ ٤- مارچ جي شام جو سنڌ جا شاگرد، جوڌا ۽ سرويچ، ٽلهين هٿين، وچ رستي تي، اڪيلي رستي تي، بنا ڪنهن اطلاع جي، بنا ڪنهن

▲ سنڌڙيءَ آخر کهڙو ڏوهه ڪيو آهي. — ممتاز ڀٽو.

▲ مونکي ڏهه سر هجن ها ته آءٌ به سنڌ تان قربان ڪريان ها.
— ممتاز ڀٽو.

▲ سنڌ لاءِ جان به حاضر آهي. — ممتاز ڀٽو.

▲ اسين سنڌ جي ڀلي خاطر هر ڪم ڪنداسين. — ممتاز ڀٽو.

▲ ٿلهيون سنڌي ٽوپيون ۽ اجرڪ نه پايو، ڪم به ڪري ڏيکاريو.
— ممتاز ڀٽو.

▲ مٿيان ئي واعدا، اليڪشن کان اڳ صدر ڀٽي، هزارن - لکن جي جلسن ۾ سنڌي عوام سان ڪيا هئا. ۽ مٿيون ڳالهيون سنڌ جو وڏو وزير ممتاز ڀٽو، هر جلسي ۾ ڪندو آهي. اسين صدر ڀٽي کان پڇون ٿا ته: هاڻ ته اوهانجي حڪومت آهي. ڪمانڊرانچيف ته وڏي ڳالهه آهي، سنڌي عوام جي ايڏي گهڙ ڪانپوءِ به سنڌ ريجمنٽ نٿي ٺهي. آءٌ ڪير آهن، جيڪي سنڌ ريجمنٽ ٺهڻ سان ناراض ٿيندا. آخر آءٌ ڪير آهن، جنجي ڪري اوهين سنڌ ريجمنٽ ٺهڻ جو آرڊر نٿا ڪريو. جنهن حالت ۾ پنجاب ريجمنٽ آهي، بلوچ ريجمنٽ آهي، پوءِ سنڌ ريجمنٽ ڇونٿي ٺهي؟ جنهن حالت ۾ مرڪز سنڌ کان پٺسا وٺي ٿو.

▲ صدر ڀٽي واعدو ڪيو هو ته: اسانجي حڪومت ٺهي ته اسين مسرور حسن (مارچ ١٩٦٧ ۾ حيدرآباد جو ڪمشنر) کي سخت سزا ڏينداسين، سزا ته پري رهي، مسرور، ڀٽي صاحب جي حڪومت ۾ پنجاب جو هوم سيڪريٽري آهي. ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي ته تيرهن سوءِ آفيسر انهيءَ ڪري لاٿا ويا جو بقول حڪومت جي: آءٌ رشوتي هئا، انهن پنهنجن عهدن کان ناجائز فائدو ورتو هو، ۽ انهن تيرهن سون ۾ وڏو تعداد سنڌي آفيسرن جو به هو. آءٌ تيرهن سو ته بدعنوانين ڪري لهي سگهن ٿا، پر مسرور پاڻ وڏو عهدو ماڻي ٿو. جنهن حالت ۾ صدر ڀٽي کي چڱيءَ ريت ڄاڻ آهي ته هن شخص پنهنجي عهدي جو ناجائز فائدو ورتو ۽ سنڌي شاگردن تي ويل وڄايا. ٤ - مارچ ١٩٧٢ع تي سنڌ سرڪار عام موڪل ڪئي هئي، انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته ٤ - مارچ تي سنڌي شاگردن

مليا (بقول چام صادق جي تہ: مير صاحب پنڌ آيو هو ۽ ڪئمڊلڪ ساڻ ڪري ويو آهي.) ۽ هاڻ مير صاحب کي ٽپڙ بہ ٻڌڻا پيا. جڏهن مير صاحب گورنر ٿيو هو، نہ تڏهن اسانکي خوشي ٿي هئي، ۽ نہ هاڻ اسانکي رنج ٿيو آهي، جڏهن مير صاحب کان گورنري کسي وئي آهي، انهيءَ جو ڪارڻ بہ آهي. مير صاحب سنڌي آهي، پر مير صاحب کي ڪڏهن بہ سنڌ ۽ سنڌيءَ سان همدردي نہ ٿي. مير صاحب کي سنڌيءَ ۾ تقرير ڪندي بہ شايد لڄ ٿي آئي. سدائين اردوءَ ۾ تقرير ڪيائين ۽ سدائين اردو جي تعريف ڪيائين. پوءِ اسانکي ساڻس ڇو همدردي ٿئي. پاڻ مشير ٿيو، ۽ پوءِ گورنر ٿيو، پر سنڌ ۽ سنڌين جي ڀلي لاءِ ڇا ڪيائين؟- ڪجهہ بہ نہ. پوءِ اسين ساڻس ڇو همدردي ڪيون، ۽ هاڻ جڏهن لٿو آهي، تہ بہ سنڌ ۽ سنڌين لاءِ نہ، سنڌس ڇوڻ مطابق: سنڌس وڏي پاڳ تي الزام لڳايو ويو آهي، انهيءَ ڪري احتجاجي طور تي استعيفا ڏني اٿس.

▲ مير صاحب، اوهين سنڌي آهيو! سنڌ ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ سان ناحق ٿيو، اوهان استعيفا نہ ڏني. سنڌ جا ڪونڌر ڪُسجي ويا، اوهان استعيفا نہ ڏني. عبدالرزاق سومرو شهيد ٿي ويو، اوهان استعيفا نہ ڏني. پر اوهانجي پاڳ تي الزام لڳو تہ اوهان استعيفا ڏئي ڇڏي! اوهانکي عوام جو ڏاڍو درد هو، پوءِ اوڏيءَ مهل اوهان استعيفا ڇو نہ ڏني، جڏهن اوهانکي سنڌي ٻوليءَ واري جمهوري طرح پاس ٿيل بل تي آرڊيننس هڻڻ لاءِ چيو ويو؟ اوڏي مهل اوهين استعيفا ڏيو ها، تہ اسين اوهانجي اهڙي آجيان ڪريون ها، جو دنيا ڏسي ها. عبدالرزاق سومري جي شهادت تي اوهين استعيفا ڏيو ها تہ اسين اوهانکي اکين ۾ ويهاريون ها. پر اوهان استعيفا عوام لاءِ نہ ڏني، سنڌ جي ڌرتيءَ لاءِ نہ، پنهنجي پاڳ لاءِ ڏني آهي. اوهانکي سنڌ جي عزت کان وڌ پنهنجي پاڳ جي عزت پياري آهي. اسين ڇو اوهان سان همدردي ڪريون، اسانکي سڀ کان وڌيڪ پنهنجي سنڌ ڌرتيءَ سان پيار آهي.

▲ اسانکي مير رسول بخش جي لهڻ تي افسوس ڪونهي، پر اسانکي افسوس آهي، رعنا لياقت علي جي گورنر ٿيڻ تي. سنڌ جي عوام پيپلز پارٽيءَ کي ووٽ ڏنا هئا. ووٽرن ۽ ميمبرن جي اڪثريت سنڌين

## گذارش

▲ ناصر (٠وراڻي) جو نالو سنڌيءَ جي ترقي پسند ليکڪن ۾ وڏي اهميت ٿو رکي. جيتوڻيڪ هن ڪافي وقت کان لکڻ ڇڏي ڏنو آهي، پر هن سنڌ ۽ سنڌي زبان لاءِ جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، سي وسارڻ جوڳيون نه آهن. ناصر گهڻي عرصي تائين سنڌيءَ جي انقلابي مخزن 'روح رهاڻ' جو ساٿي ايڊيٽر رهيو آهي. ونيونٽ ٽوڙائڻ ۽ فوجي آمريت ايوب جي خلاف هلايل تحريڪ ۾ اڳيان اڳيان رهيو آهي. اهي ماڻهو، جن ايوب زنده باد جا نعرا ٿي هنيا، اڄ اهي وڏا وڏا عهدا پيا ماڻين، پر ناصر پنهنجو جائز حق به وڃائي ويٺو. ناصر کي سپرنٽنڊنٽ جيل جي عهدي لاءِ، ٣١- آگسٽ ١٩٧١ع تي، سنڌ- بلوچستان پبلڪ سروس ڪميشن چونڊيو، جنهن ۾ هن پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. ١٤- سيپٽمبر ١٩٧١ع تي محمد عثمان بلوچ، جيڪو انهيءَ وقت عارضيءَ طرح سينٽرل جيل سکر ۾ سپرنٽينڊنٽ هو، تنهن سول ڪورٽ ۾ دعوا داخل ڪري، ١٤- سيپٽمبر تي عارضي منع نامو حاصل ڪيو، پر ناصر ان دعوا ۾ هڪ ڊر بنجي منع نامو رد ڪرايو. پر ڳالهه اتي پوري نه ٿي. انهيءَ وقت جي سيڪشن آفيسر ناصر کان پندرهن هزار رپيا رشوت گهري، جيڪا ناصر ڏيئي نه سگهيو. تنهنڪانپوءِ ان آفيسر ۽ جيل کاتي جي پين ڪلاس ٽو آفيسرن، ناصر جي خلاف ڪوڙيون رپورٽون ٺهرايون. جنهن ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي ته: ناصر ٽي دفعا جو سزا يافته (ڪنهن ڏوهه ۾) آهي. جنگ جي زماني ۾ ملڪ جي سلامتي خلاف سرگرمين ۾ مصروف رهيو آهي. ۽ نعپ جو اڳواڻ آهي.

▲ ناصر تي مڙهيل مٿيان بهتان بنهه ڪوڙا آهن. ناصر جو ڪنهن ڏوهه ۾ سزايافته هئڻ ته پري رهيو، پر هو ڪڏهن گرفتار به نه ٿيو آهي. ۽ جيڪڏهن جنگ جي ڏينهن ۾ ملڪ خلاف سرگرمين ۾ حصو ورتائين ته پوءِ کيس گرفتار ڇو ڪونه ڪيو ويو؟ ناصر، سياسي ته ٺهيو پر ڪنهن ادبي جماعت جو ميمبر به ڪونهي.

▲ اسين موجوده حڪومت کي درخواست ڪريون ٿا ته سنڌ جي هن ترقي پسند اديب سان انصاف ڪيو وڃي.

— طارق اشرف

# پروفيسر حسن علي عبدالرحمان

مارچ ١٩٦٧ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر



## پيغام

چوٿين مارچ سنڌ جو قومي ڏينهن آهي. هي ڏينهن ايوبي آمريت ۽ انجي ڪاموري شاهي خلاف، سنڌ جي آزادي پسند جوان جماڻ جمهوري قوتن جي جدوجهد جي علامت آهي. هن جدوجهد جو سهرو سنڌ جي ڳاڙهن ڳڀرولن شاگردن جي سرن تي سونهين ٿو، جن ڪري ڀاڻ ۾ ڳڙهي رت جي لاٽ سان آزادي ۽ جمهوريت جو ڏيئو ٻاريو لڌو هو. هيءُ اهو وقت هو، جڏهن فوجي ڊڪٽيٽرشپ خلاف ڳالهائڻ ته پري رهيو، پر ڪو ماڻهو سوچي نه سگهندو هو. اهڙي ڀڪر ڀوس ۾ سنڌ جي شاگرد ـ انقلابي قوتن اوچي ڳاٽ سيني تي گولي سهائي ميدان ۾ نڪري پاڻ ملهايو ۽ ون يونٽ جون پاڙون ڪوڙيون. منهنجيون نيڪ تمنائون سدائين چوٿين مارچ جي سپوتن سان آهن.

ـــ حسن علي عبدالرحمان



(مرحوم) محمد ميمڻ

وڪيل

جنهن ٤- مارچ تحريڪ ۾، جيل ۾ ويل سنڌي شاگردن جو نه فقط مقدمو وڙهيو، پر سنڌي شاگردن جي هڙوڻ ۾ وڙائون ۾ پوريءَ ريت مدد ڪئي



**رحيم سهتو 'مجاهد'**

۴- مارچ تحريڪ جو مشهور جوڌو



**محمد يوسف ميمڻ**

۴- مارچ ۱۹۶۷ع تي جيل ويل شاگردن ۾ هيءُ به هڪ هو



۳- مارچ ۱۹۶۷ تي، ون يونٽ بلڊنگ ۾، ڪمشنر مسرور (مسرور ڪتو) جي آفيس ٻاهران يونيورسٽي جي شاگردن جو ڪيل مظاهرو

چيٽي ڪٿي جو ھوت
ڪسوٽي

# ڪهاڻيون

آمر جليل
نجم عباسي

آمر جليل

# چتي ڪتي جو موت

(شهمير ڪي چتو ڪتو مارڻو آهي. چتي ڪتي مسجد ۾ پناهه ورتي آهي. شهمير جي هٿ ۾ بندوق آهي، چتي ڪتي ۽ بندوق جي وچ ۾ مسجد جو ملان اچي بيٺو آهي. شهمير کي فيصلو ڪرڻو آهي، ته چتي ڪتي کي مارڻ کان اڳ ملان کي ماري، يا ملان کي جيئرو رکڻ لاءِ چتي ڪتي کي جيئدان ڏيئي! شهمير جيستائين ڪنهن فيصلي تي پهچي، مان توهانکي اڄ شام جي واقعن جا تفصيل ٻڌائي ڇڏيان .)

سانجهيءَ ڌاري شهر تي ڌنڌ جو ڪوهيڙو لهي آيو. خاموشي ڇانئجي ويئي. پوءِ اوچتو، اول اڌڇتا، ۽ پوءِ ڇِتا آواز، رڙيون، ڪيڪون ۽ گوڙ گهمسان ٻڌڻ ۾ آيو. مان پنهنجي فليٽ جي بالڪونيءَ ۾ وڃي ويٺس. ٻاهر نهاريم. ڌنڌ سبب ڪجهه ڏسڻ ۾ نه آيو.

پٺيان در کڙڪڻ جو آواز آيو. بالڪونيءَ مان موٽي وڃي ٻاهريون در کوليو. ماستر دائم جو ستن سالن جو پٽ قائم بيٺو هو. سهڪي رهيو هو. منهن مان وحشت ظاهر ٿي رهي هئس. وڇڙندڙ آواز ۾ چيائين، ”ادا، ڪالو ڪتو چتو ٿي پيو آهي.“

”ڪالو ڪتو چتو ٿي پيو آهي!“

”ها ادا.“

”ڪڏهن کان؟“

”شام کان.“

ان وقت مونکي يوسف جي ڳالهه ياد آئي. هن ڪجهه ڏينهن اڳ چيو هو ته پنهنجي پاڙي جي مسجد پرسان پلجندڙ ڪالو ڪتو چتي ٿيڻ جا آثار پيو ڏيکاري. مون يوسف جي ڳالهه تي اعتبار نه ڪيو هو.

ڪالوءَ کي منسپالٽيءَ جي حوالي نہ ڪجو. منسپالٽيءَ وارا ڇتن ڪتن کي ماري ڇڏيندا آهن."

مون قائم کي پيار ڪندي چيو، "مان بہ جڏهن تو جيترو ننڍڙو هوس، تڏهن ڇتن ڪتن تي ڪهل ڪندو هوس، پر پوءِ، جڏهن جوان ٿي تاريخ جو مطالعو ڪيم، تڏهن محسوس ڪيم تہ ڇتي ڪتي کي مارڻ لازمي هوندو آهي. ڇتي ڪتي کي نہ مارڻ قومن لاءِ تاريخي سانحو ثابت ٿيندو آهي. تنهنڪري مان ۽ يوسف ڪالو ڪتي کي مارڻ يا مارائڻ جي حق ۾ آهيون."

منهنجي ڳالهہ جو قائم تي ذرڙو ڪن اثر ٿيو. هن پيءُ جي ڳچيءَ مان ٻانهون ڪڍي ڇڏيون.

يوسف سيٺي کي مخاطب ٿيندي چيو، "توهان سيٺي کي خبر هوندي، تہ ڪالو ڪتو ڇتو ٿي پيو آهي. هن شام کان ٿن - ڇئن ٻارڙن، ڪريم، خانوند، ابراهيم مستري ۽ ڏني بخش کي چڪ هنيا آهن."

آواز آيو، "اسانکي ان ڳالهہ جو افسوس آهي."

سيٺي جو ڌيان ڳالهائيندڙ ڏانهن ڇڪجي ويو. هو پاڙي جو سماجي ڪارڪن عبدالله هو. مانجهو مُنجهائڻ سندس ڌنڌو هو. پاڻکي امن جو ٺيڪيدار سمجهندو هو. يوسف، شهمير، اقبال ۽ منهنجي باري ۾ بدظن هو. چوندو هو، هي شاگردن جو لڏو هڪڙي ڏينهن ممڻ مچائيندو.

يوسف گهور وجهي عبدالله ڏانهن نهاريو. چيائين، "اسان تي الزام آهي، تہ اسين باغي شاگردن جو لڏو آهيون. اسين پنهنجي ساءِ بہ ڪالو ڪتي کي ماري ڇڏيون ها، پر توهان وڏڙن کي آگاهہ ڪرڻ، ۽ صلاح مشورو ڪرڻ ضروري سمجهيوسين، تنهنڪري توهانکي تڪليف ڏيڻ هتي وٺي آيا آهيون. مان هڪ ڳالهہ بلڪل واضح ڪرڻ چاهيان ٿو، تہ اسين ڪالو ڪتي کي مارڻ لاءِ مشورو ڪرڻ لاءِ هتي گڏ ٿيا آهيون. افسوس ظاهر ڪرڻ لاءِ نہ."

سماجي ڪارڪن عبدالله چيو، "مون ڪتي ڪاڌلن کي ترت سول اسپتال پهچائڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. تازن

گوڙ گهمسان ۾ ماڻهن جي ڊوڙڻ ڊڪڻ جا آواز ايندا رهيا.

ٿوري دير کانپوءِ رٽائرڊ مختيارڪار موٽي آيو. چيائين، "منسپالٽيءَ وارن چيو ته اسين سج لهڻ کانپوءِ ڪتا نه جهليندا آهيون."

"پوءِ؟"

هن چيو، "صبح تائين اسانکي ڪالوءَ جي حفاظت ڪرڻ گهرجي. صبح جو منسپالٽيءَ وارا کيس پاڻهيئي پڪڙي ويندا."

"حفاظت! چريي ڪتي جي حفاظت!" شهمير چيو، "هوش ۾ ته آهيو؟"

اقبال چيو، "اسين ڪالوءَ کي ماريندا سين."

"هينئر، اصل هن وقت،" يوسف چيو.

پاڙي جي پوڙهن، اسانجي بزرگن ۽ چڱن مڙسن جو وات ڦاٽي ويو. هو حيرت ۽ اچرج مان اسان ڏانهن ڏسڻ لڳا. سماجي ڪارڪن چيو، "توهين ظالم آهيو."

"اسين ظالم آهيون."

"ها." هن وراڻيو، "اهو ڪالو ڪتو هڏن جو مٺ هو، جڏهن هتي پهتو هو. ويچارو پين ڪتن جو ستايل هو. اسان سالن جا سال سندس سار لڌي آهي. افسوس، جو اڄ توهين نوجوان، ويچاري ڪالوءَ کي اُڦٽ مارڻ جون وايون پيا ڪيو. افسوس افسوس!"

"ڪالو ڪتو چريو ٿي پيو آهي." مون چيو، "اسين ڪالوءَ کي ضرور ماريندا سين."

"اهو وحشي فيصلو آهي."

"وحشي فيصلو!" يوسف ذري گهٽ رڙ ڪئي. چيائين، "ڪالوءَ توهان کي، توهانجي ٻارڙن کي، توهانجي عورتن کي کاڌو آهي، پر تڏهن به توهين مٿس مهربان آهيو!"

"اسين کيس ضرور ماريندا سين،" شهمير چيو.

اقبال چيو، "دنيا جي سمورن ملڪن ۾ چريي ڪتي کي ماريو ويندو آهي."

شهمير، اقبال، يوسف ۽ مونکي چيو، "هلو. دير نه ڪريو.

ملان کي مسجد جي در ۾ ڏسي شهمير وڏي واڪ چيو،
”هٽي وڃ ملان. مسجد ۾ هڪ چتو ڪتو ڪاهي آيو آهي.“
”مسجد خدا جو گهر آهي.“ ملان پنهنجي گول پيٽ تي هٿ ڦيرائيندي ورجايو، ”مسجد خدا جو گهر آهي. ڪالوءَ خدا جي گهر ۾ پناهه ورتي آهي.“
”پناهه ورتي آهي!“ شهمير چيو، ”ڪالوءَ پاڙي سان ويل وهايا آهن. ٻارن، عورتن، ننڍن وڏن کي چڪ هنيا آهن. اسين ڪالو کي ماريندا سين.“
”ڪالو مسجد جي چانوٺ ۾ پليو آهي.“ ملان چيو، ”ڪالوءَ تي هٿ کڻڻ اسلام تي هٿ کڻڻ برابر آهي.“
”ڪالو چتو ٿي پيو آهي.“
”اِهو غلط آهي. ڪالو چتو آهي ته پوءِ مونکي چو نٿو چڪ پائي؟“
”تو کي پنهنجو مائٽ ٿو سمجهي.“
”لاحول ولله.“ ملان اوڪرائي ڏيندي چيو، ”توهين شاگرد چورا لُچ آهيو.“
”اسانجو وقت نه وڃاءِ. اسين ڪالوءَ کي نه ڇڏيداسين.“
”ڪالوءَ خدا جي گهر ۾ پناهه ورتي آهي. هو هن وقت الله جي آمان ۾ آهي.“
شهمير بندوق سڌي ڪندي چيو، ”هٽي وڃ ملان. مان ڪالوءَ جا ڦڏڙ ڪيندس.“
ملان جو چنجهيون اکيون ڪرڙيون ٿي ويون. چيائين، ”ڪالوءَ کي مارينديون ته اسلام خطري ۾ پئجي ويندو.“
”پري ٿيءُ ملان،“ شهمير رڙ ڪئي.
ملان مسجد جي در مان پري نه ٿيو.
ان وچ ۾ ڪالو ڪتو مسجد جي اندران ملان جي پٺيان اچي بيٺو، ۽ ملان جو ڊبل روٽي جهڙو پير چٽڻ لڳو.
ملان ڪالوءَ کي پيار ڪندي چيو، ”توهين نوجوان گمراهه آهيو. ڪالو جهڙي نيڪ مخلوق کي ٿا ماريو!“

عمارت، ويران ۽ واڻڙي نظر اچي رهي هئي.

ايندڙن مان ڪجهه ماڻهو گلن جا هار پاڻ سان آڻين ٿا، ۽ هر هڪ هڙتاليءَ جي گلي ۾ وجهن ٿا، ۽ هنن کي پنهنجي حقن لاءِ 'جهاد' ڪرڻ تي مبارڪون ڏين ٿا. ڪي نارنگيون آڻين ٿا ۽ اهي پيش ڪن ٿا، ڇو ته هڙتال جي حالت ۾ نارنگين جي رس واپرائي سگهجي ٿي. ڪي سرمائيدار ۽ سرنديءَ وارا، رحم کائي، هنن کي روڪڙ ڏين ٿا، ۽ اهڙو اعلان زور سان ڪيو وڃي ٿو، جئن سيئي موجود ماڻهو ٻڌن ۽ ڏسن.

سياستدان، حڪومت تي ٽيڪا ٽپڻي ڪن ٿا، ان جي نيتين کي نندين ٿا، ۽ ان جي بيحسي ۽ بي انصافيءَ تي افسوس جو اظهار ڪن ٿا، ۽ پڇاڙيءَ ۾ حڪومت خلاف هلچل هلائڻ جي ڌمڪي ڏين ٿا. هو اهو به اعلان ڪن ٿا ته ٻئي ڏينهن تي شهر جي وڏي ميدان ۾ عام جلسو ٿيندو ۽ ڊائريڪٽر جي پاسخاطري ۽ تعصب تي احتجاج ڪيو ويندو.

اخبارن جا خاطو، هتي جو ڪجهه ٿي رهيو آهي، ان جا نوٽ وٺندا رهن ٿا ۽ نامور سياستدانن جا بيان وٺي لکن ٿا. اخبارن جا فوٽو گرافر، ميڙ جي ڪارروائي ۽ ايندڙ ويندڙ مکيه راڄنيتي شخصيتن جون تصويرون ڪڍن ٿا.

رکي رکي ماڻهو نعرا هڻن ٿا:

"سنڌي ڊائريڪٽر." — "مرده باد."

"سنڌي ڊائريڪٽر." — "واپس وڃ."

"سنڌي ڊائريڪٽر." — "هاءِ، هاءِ."

"صوبي پرستي." — "نه هلندي، نه هلندي."

"ڏاهر جا چيلا." — "نه کپن، نه کپن."

ٻئي ڏينهن هنن جي پنهنجي ٻوليءَ جي سيني اخبارن ۾، هڙتال جي روئداد، پوري تفصيل ۽ وڏاءَ سان ڇپي ۽ هڙتالين جا فوٽا به ڏنا ويا. انهن سياسي اڳواڻن ۽ مولوين جون به تصويرون ڇاپيون ويون، جي هڙتالين سان گڏ ڪيدرايون ويون هيون. هنن جا بيان پڻ شدمد سان شايع ڪيا ويا.

... ۽
... ري،
... آهن،
... ٿو ڪلو ۽
... سمين ڪيئن
... قدم نه ڪنيو
... يون بي انصافيون
... ين.

... مڪيه ڪارڪن هو،
... اصولن جي پڌري پٽ
... جي بنياد تي سوچيو ٿو
... سلمان پائر آهن. جو پنهنجن
... کي نظر انداز ڪري ٿو، سو
... بو غدار آهي.

... سارن ۾ ايڊيٽوريل لکيا ويا، جن ۾
... ۽ تعصب کي ننديو ويو، ۽ هن کي
... نقاضا ڪئي وئي.

... هنن اخبارن جي خطن وارا خانا، اهڙن
... ، جن ۾ هڙتالين جي پٺڀرائي ڪئي وئي
... ڏيو تي گارڊيون ڏنيون ويون هيون ۽ لاڳاپيل
... ڪان استعيفا جي گهر ڪئي وئي هئي. اهڙيءَ
... نويسن به پنهنجا پنهنجا ڪالم انهيءَ موضوع تي
... هئا.

... ن جلسي جو اعلان ڪيو ويو هو، اهو به ٿيو. اتي به
... ڪثر، سنڌين ۽ حڪومت تي دل کولي ڇوهه چنڊيا ويا. هنن
خبارن وڏيون وڏيون سرخيون ڏئي، جلسي جي ڪارروائي ڇاپي.

هي پهريون ئي اتفاق هو، جو هن ڪاتي جو ڊائريڪٽر هڪ

سنڌي ڪامورو ٿي آيو هو. هن ڪاتي ۾ ٽي سؤ ويهه ملازم هئا، جن مان رڳو ٽي سنڌي هئا، هڪڙو ڪلارڪ، جنهن جي زال سنڌڻ نه هئي، ۽ ٻه پٽيوالا.

پاڪستان جي شروع کان وٺي ئي، هن ڪاتي جي غير سنڌي عملدارن جي اها نيتي ۽ نيت رهي هئي، جئن ڪوبه سنڌي هن ڪاتي ۾ داخل ٿي نه سگهي. نوڪرين جون خالي جايون هو پنهنجي مائٽن سان يا هم زبان وارن سان پري ڇڏيندا هئا. اول ته اهڙي قسم جو اشتهار اخبارن ۾ ڪونه ڏيندا هئا، پر جي ڏيندا هئا ته سنڌين کي انٽرويو واسطي ڪونه گهرائيندا هئا. جي ڀُلَ چُڪَ ۾ ڪنهن سنڌيءَ کي انٽرويو لاءِ سڏائيندا هئا ته نالي، ذات يا گفتگوءَ مان سنڌي ثابت ٿيڻ ڪري، هنکي رد ڪري ڇڏيندا هئا. يا جي نالي خاطر ڪن کي چونڊيندا هئا ته هنن کي روبرو پروانو ڪونه ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا ته ٽپال رستي موڪلبو، پر ٽپال رستي به ڪونه موڪليندا هئا، ۽ مدو پورو ٿي وڃڻ ڪانپوءِ چوندا هئا ته: اسان ته آرڊر موڪليو، پر نوڪريءَ تي چڙهيو ئي ڪونه.

رڪارڊ ۾ اهو ڏيکارڻ لاءِ ته سنڌ جي اندرئين يا ٻئي جي ماڻهن کي به هن ڪاتي ۾ نوڪريون ڏنيون ويون آهن، هنن غير سنڌي ملازمن مان ڪيترن سنڌ جي اهڙن ڳوٺن ۽ شهرن جا ڊوميسائيل سرٽيفڪيٽ هٿ ڪيا، جي ڳوٺ ۽ شهر هنن ڪامورن ڪڏهن ڏٺا به ڪونه هئا.

لياقت ۽ قابليت جو خيال به ڪونه ڪندا هئا. ٽائيپسٽ جي جڳهه لاءِ ڪو پنهنجو ٽائيپ سڪيل نه ملندو هون ته اڻ سڪيل، پر پنهنجو رکي ڇڏيندا هئا. سنڌي بي-اي ۽ ايم-اي پاس وارن جون درخواستون نظرانداز ڪري ڇڏيندا هئا، پر پنهنجو مئٽرڪ پاس به ان ملازمت لاءِ چونڊيندا هئا. هنن پنهنجن مان ڪي اهڙا ماڻهو به نوڪريءَ ۾ رکيا هئا، جن وٽ ڀارت جي يونيورسٽين جون ڊگريون هيون ۽ تازو ئي اتان هتي آيا هئا، ۽ پاڪستاني شهري به ڪين هئا. هو پنهنجن ماڻهن واسطي نيون ملازمتون پيدا ڪري به هنن لاءِ نوڪريون مهيا ڪندا هئا.

ان ڪري ته هر ڪاتي ۽ حياتيءَ جي هر شعبي ۾ رڳو غير سنڌي نه هجن، پر سنڌي پڻ.

چئن سنڌين کي اهي نوڪريون مليون ڪانپوءِ، غير سنڌين، اميدوارن مان اهڙا چار غير سنڌي چونڊيا جي سنڌن ويچار موجب انهن نوڪرين جا اصلي حقدار هئا، ۽ انهن کي بڪ هڙتال ڪرڻ تي تيار ڪيو ويو.

اهو هو هن بڪ هڙتال جو سبب.

ٻئي ڏينهن آفيس جي ساري عملي، هڙتالين جي همدرديءَ ۾ هڙتال ڪئي، ۽ ڪم تي ڪونه چڙهيا.

ٽئين ڏينهن، هن ساري عملي، سنڌي ڊائريڪٽر جو گهيرو ڪيو. گهيري جو مقصد اهو هو ته هن ڪان زور زبردستيءَ سان، انهن چئن سنڌي ڪلارڪن کي نوڪريءَ مان ڪيرايو وڃي ۽ پنهنجن چئن ماڻهن کي مقرر ڪرايو وڃي، جي هو ائين نه ڪري ته هنڪان پنهنجي استعيفا لکرائي وڃي.

هيءُ سڀ غير سنڌي، ماڪڙ وانگر، ڊائريڪٽر جي آفيس تي هلان ڪري آيا. جي پنج ڇ سنڌي ڪلارڪ ۽ ٻه سنڌي پٽيوالا بروقت همت نه ڪن ها، ۽ ڊائريڪٽر جي آفيس جي مضبوط دروازي کي اندران بند ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿين ها، ته ڊائريڪٽر جي حياتيءَ جو خير ڪونه هو. انهيءَ چڪتاڻ ۾ ست ڇ سنڌي بريءَ طرح ڦٽجي پيا، ۽ هو ڊائريڪٽر سميت آفيس ۾ واڙيل رهيا.

ٻاهران غير سنڌي، سنڌ ۽ سنڌين کي گاريون ڏيندا، غليظ نعرا هڻندا ۽ پٿر اڇلائيندا رهيا، ۽ آفيس جي درن درين، ميزن ڪرسين ۽ ٻئي سامان جي ڏاڍي پيچ ڊاهه ڪئي. ڊيوٽيءَ وارن سپاهين کي به پٿرن جو نشانو بڻايو ويو. نيٺ پوليس اچي، ڳوڙها گيس ۽ لٺيون هلائي اندر واڙيلن جي حياتي بچائي.

٢

”ڏاڍو خوش پيو نظر اچين، وري ڪو محبوبن جي ملاقات جو

واعدو ملهو اٿئي ڇا؟“
”اهو ڏي ته تو کي پڌائڻ آيو آهيان.“
”يار، تنهنجي پاڪپڻ سان ريس ڪئي ڪونهي، عيش ڪر عيش.“
”چڱو جلدي تيار ٿي ته هلي ڪنهن هوٽل ۾ وهون ۽ پرين جون پچارون ڪريون.“
”پلا ڏي خبر، ڪڏهن جو واعدو ٿيو اٿئي؟“
”اڄ ٽيليفون تي چيائين ته جمعي ڏينهن شام جو پنجين وڳي سندن ڪاليج ۾ يونين جي عهديدارٽين ۽ اسٽاف جي ڪن ميمبرياڻين جي گڏجاڻي آهي، ساليانين راندين جي سلسلي ۾ پروگرام ٺاهڻو اٿن. بس سادي پنجين وڳي مونکي موٽر ۾ وچي مخصوص نموني هارن وڄائڻو آهي ۽ پوءِ پاڻهي منهنجي ڊارلنگ ڪچي ڌاڳي ۾ ٻڌجي ٻاهر هلي ايندي ۽ اسين ٻه چار ڪلاڪ محبت جي دنيا ۾ گم ٿي وينداسين.“
”هائو يار، انکي چئبو آهي خود حسن جو هلي اچي عشق جي هنج ۾ ڪرڻ.“
”بس يار، تو جهڙن دوستن جون دعائون آهن.“
”مونکي ته هوءَ سالي رُخ ئي ڪونه ٿي ڏئي. دل جي زخمن ننڊ حرام ڪري ڇڏي آهي، يار، تون ئي پنهنجي بلقيس کي چؤ ته ڪا منهنجي سفارش ڪري.“
”بلقيس کي ڪيترائي دفعا چيو اٿم، هوءَ چوي ٿي ته تو واري ڪلوپيٽرا ڏاڍي ڪڙڪ آهي ڪڙڪ، ڪو ٻُل ئي ڪونه ٿي ڏئي. وري به رَبُ ڪَ خدا تي، اچي ويندي ڪنهن ڪڙڪي ۾.“
”هاءِ هاءِ. منهنجو دم ٿو نڪري ۽ تون اڃا پيو انتظار جون صلاحون ڏئين.“
”اڙي، اهو وچم ئي ٻڌائي ڇڏيانءِ، متان وسري وڃيم، جمعي ڏينهن اسانجي وصل واسطي پنهنجي جڳهه پنجين وڳي شام کان اٺين وڳي تائين اسان لاءِ رزرو رکجانءِ. يار، تنهنجي جاءِ ڏاڍو ڪم ڏنو آهي. اسان واسطي ته پريم نگر آهي پريم نگر.“
”ها، اٺين ته ضرور ٽيندو، پر ترس، مون پنهنجي حسرتن

ڪميٽن جو منهن ڏي نه ڏسي ها. هن اهو به ويچار ظاهر ڪيو هو ته جيسين انهن زانين کي سنگسار نٿو ڪيو وڃي، تيسين اسانکي مسلمان پنهنجي پنهنجي ملڪ کي اسلامي رياست ڪوٺڻ جو حق ڪونهي. هن نئين نسل جي ڪرندڙ اخلاق تي به ڏاڍي چنتا ظاهر ڪئي هئي. هنجي خيال ۾ اهو ڇوڪرين تي نه، پر اسلام تي حملو هو.

ان ڏينهن گهڻو ڪري سڀني اخبارن، ايڊيٽوريل به هن واقعي جي باري ۾ لکيا ۽ بيحد ڏک ۽ ڏمر جو اظهار ڪيو.

ايڊيٽر رحمان علي، ملڪ جي مشهور ترين اخبار جي ايڊيٽوريل ۾ هي به لکيو: 'ملڪ ۾ بي قانوني ايترو وڌي وئي آهي، ۽ ڏوهن جو من ايترو وڌي ويو آهي، جو ڏينهن ڏٺي جو، ايترن ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ اهڙيون اخلاق سوز ۽ انسانيت سوز حرڪتون ڪيون ويون. هاڻي حڪومت جو فرض آهي ته نه رڳو هنن پاپين کي مثالي سزا ڏئي، پر اسانجي نياڻين جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پورا پورا حفاظتي قدم کنيا وڃن، جيئن آئينده اهڙين گهٽنائن کي بنجو ملي. اسان هن واقعي ڪري سڄي دنيا ۾ ڪلنڪ ٿيا آهيون. اهڙو واقعو دنيا جي تاريخ ۾ ڪٿي به ڪونه ٿيو آهي، ۽ وري ٿيو به ان ملڪ ۾ آهي، جنهنجي باري ۾ اسانجي دعوا آهي ته هيءَ وڏي ۾ وڏي اسلامي رياست آهي. جي هنن ڏوهارين تي ٿورو به رحم کاڌو ويو ته ايندڙ نسل اسانکي هرگز معاف نه ڪندا، ۽ دنيا به اسان ڏي آڱريون کڻندي.'

اردوءَ جي هڪڙي قومي شاعر، ان ڏينهن اخبار ۾ جو قطعو لکيو، انجو مطلب هن ريت هو: وڏي ۾ وڏي اسلامي رياست ۾ اهڙا هاڃا ٿي ويا، آسمان ڇو نه ڪريو، زمين ڇو نه ڦاٽي، قيامت ڇو نه ڪڙڪي!

اج باقي رهيل شاگردن کي به گرفتار ڪيو ويو.

پر.... ان ڏينهن گذرڻ کانپوءِ ايندڙ رات جو دير دير سان، هن مشهور ترين اخبار جي آفيس ۾ تڪڙي تڪڙي هڪ ڪچهري گڏجاڻي سڏائي وئي. ان ۾ شامل ٿيندڙ هئا: اسيمبلي ميمبر بندو خان،

ديني پارٽيءَ وارو مولانا قدرت الله، ايڊيٽر رحمان علي، قطعا لکندڙ قومي شاعر، گرلس ڪاليج جون پرنسيپالڻ ۽ نائب پرنسيپالڻ، واقعي سان ڳنڍيل ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن مان ڪن جا پيئر، ۽ شهر جون ڪجهه دولتمند ۽ مشهور هستيون ۽ ڪيترائي اسيمبلين جا ميمبر، وڪيل، اخبارن وارا ۽ ايڊيٽر.

ڪيئي ڪلاڪ هيءَ ميڙ جاري رهيو ۽ بحث مباحثو ٿيو. تقريرن ۽ تجويزن جو تت هي هو: ”اسانکان غلطي ٿي، وڏي غلطي ٿي، ڪالهه ڪان اسان گلو ڦاڙي بيان پئي ڏنا آهن ۽ اهو پتو نه پيو ته پنهنجي ئي کوپريءَ ۾ پستول ڇوڙي رهيا آهيون. ائين برابر آهي ته ڇوڪرين سان ڪجهه زيادتي ٿي آهي ۽ هننجي پيئرن کي صدمو رسيو آهي، پر هاڻي جي وڏيڪ نقصان ٿيو ته اسانجي طبقي کي ئي پهچندو، ڇو ته سڀ پنهنجو پاڻ ۾ آهيون. اسان، جن، ڏينهن رات ڪوشش ڪري نوڪرين، تعليم، ملڪيتن، ڪارخانن ۽ واپار تي پورو قبضو ڪيو آهي، سي پاڻ ئي ڇوڪرن جي ٻاراڻي حرڪت ڪري پاڻکي ڇيهو رسائي رهيا آهيون. ڏکويل پيئرن کي عرض ٿو ڪجي ته پنهنجي طبقي ۽ تهذيب خاطر سڀڪجهه درگذر ڪن، پنهنجو پاڻ ۾ پرچي ويندا سين ته هاڻي به بچاءُ ٿي ويندو.“

”اها به اسانجي خوشقسمتي آهي جو ٻين اکين ڏٺن شاهدن کان ته پريس وارا ۽ پوليس شاهديون وٺي چڪا آهن، پر پرنسيپالڻ ۽ نائب پرنسيپالڻ رهيل آهن، ڇو جو صدمي ۽ هيبت ڪري، ڪالهه هو بيان ڏيڻ جي لائق نه هيون. هاڻي هو بيان ڏئي سڄي معاملي کي ٿامي سگهن ٿيون.

وڪيلن فني نڪتن تي صلاحون ڏنيون.

مولانا قدرت الله، جو هر وقت پان چٻاڙيندو رهندو هو، ۽ جنهنجا چپ، ڏند، زبان ۽ ڏاڙهي پان جي رنگ ۾ غليظ رهندا هئا، ۽ جنهنجي وات ۾ پان هجڻ ڪري ڳالهائڻ وقت اهڙو آواز نڪرندو هو جهڙو بي-بي-سيءَ جو آواز موسم خراب هجڻ جي حالت ۾، تنهن چيو، ”جي انهن ڇوڪرن ۾ هڪڙو به سنڌي هجي ها ته خدا جو قسم مان قرآن تي هٿ رکي اهو چوڻ ڪان ڪين ڪيٻايان ها

پر ان وقت اوچتو ڪني پاڙيءَ وارو گهٽر ڦاٽي پيو ۽ انجو ڪِن ڪچرو رستي تي وهڻ لڳو، ۽ انجي نڪ ساڙيندڙ بانس آسپاس پکڙجي، فضا جي خوشگواري ختم ڪري ڇڏي.

جي انسان جي دماغ وارو بيحيائي ۽ بيغرتي، ڪوڙ ۽ دولاب وارو خانو ڦاٽي پوي ته به جيڪر اهڙي ئي بانس پيدا ڪري: نڪ ساڙيندڙ، اکيون بند ڪندڙ.

پئي ڏينهن اخبارن ۾ هي خبرون به پڙهندڙن پڙهيون:

ڪالهوڪي گرلس ڪاليج واري گهٽنا جي وڌيڪ جاچ مان معلوم ٿيو آهي ته حقيقت صفا ابتڙ هئي. ڳالهه رڳو ايتري هئي ته هڪڙي ڪاليج جي اسلام پسند شاگردن، ڪميونسٽن خلاف جلوس ڪڍيو هو، ۽ گرلس ڪاليج وٽ پهچڻ تي، هنن، ڇوڪرين کي به ان ۾ شامل ٿيڻ تي زور ڀريو، جنهن تي ٻنهي ڌرين ۾ گرما گرم بحث ٿيو. بس ايتري ڳالهه کي اسلام دشمنن تيليءَ مان ٿنڀ بڻائي ڇڏيو، ۽ اخبارن کي غلط خبرون ڏنيون.

ٻي خبر هئي: جڏهن گرلس ڪاليج جي پرنسپال ۽ نائب پرنسپال کي پڪڙيل شاگرد ڏيکاريا ويا، تڏهن هنن چيو ته: ”اسان هنن کي اول نه ڏٺو آهي، ۽ نڪي ڇوڪرا اسانجي ڪاليج ۾ آيا، هئا انهن ۾ اِهي ڪونه هئا.“

---

!

سنڌ جي مڪاني ادارن جي وزير ڄام صادق علي چيو آهي ته: ’ٽالپر (مير رسول بخش) تڪرار کان پرهيز نه ڪيو ته مان به سندس پول پڌرا ڪندس.

(هلال پاڪستان اخبار ڪراچي ١٦-٢-٨٢)

■ ڄام صاحب توهين مير رسول بخش ٽالپر جا پول واقعي پڌرائي ڪري سگهو ٿا. پر جڏهن اوهانجا پول پڌرا ٿيا ته پوءِ؟

اڄ جو سوال
۴- مارچ ۱۹٦۷
ڪجهه ۴- مارچ متعلق
۴- مارچ ۱۹٦۷...

# مضمون

رسول بخش پليجو
يوسف لغاري
چام ساقي
غلام نبي

يوسف لغاري

# ٤- مارچ ١٩٦٧ع

ڪن سائين مونکي مجبور ڪيو آهي ته مان ٤- مارچ بابت ڪجهه لکان: بنيادي طور تي مان نه ته اديب آهيان ۽ نه وري تاريخ نويس. انڪري منهنجي اِها خواهش رهي آهي ته انهيءَ اهم ڏينهن تي جيڪڏهن اسانجا اديب لکن ته نهايت سٺو ٿئي - ڇو ته جنهن موثر طريقي سان هُو انهيءَ ڏينهن جي اهميت عوام کي محسوس ڪرائي سگهن ٿا. مان قطعي نه، پر بهر حال.... هڪ شاگرد - ۽ تحريڪ جي هڪ سرگرم ڪارڪن جي حيثيت سان مان انهيءَ ڳالهه کي نهايت اهم سمجهانٿو ته سچ کي ڪنهن به حالت ۾ نه لڪايو وڃي . مان تاريخ سان راند کي تمام ڪڏو ڪم سمجهان ٿو - ۽ جنهنکي قومون ڪڏهن به معاف نه ڪنديون آهن. سنڌ جي قومي حقن جي تاريخ ۾ ٤- مارچ جي اهميت جي پيش نظر، هن مضمون ۾ مان فقط اُهي واقعا لکندس جيڪي منهنجي چيٽ تي چٽيل آهن.

ممڪن آهي منهنجون ڪي ڳالهيون ڪن پڙهندڙن ۽ تحريڪ جي سرگرم ڪارڪنن کي ڪَوڙيون لڳن - مان انهن سان معذرت ڪندي فقط ايترو عرض ڪندس ته زندهه قومون حقيقت کان منهن نه موڙينديون آهن.

٤- مارچ اسانجي قومي تحريڪ جو اُهو روشن ڏينهن آهي، جڏهن صدين جي غلاميءَ جون ڪٽ چڙهيل زنجيرون هڪ ٺڪاءُ سان پچي پور پور ٿي ويون هيون - ڌرتيءَ ماءُ کي رَت جو ريج مليو هو - اُڀ سڄي کي لاک لڳي هئي. مهراڻ جي موجن مان هڪ نئون، نکور، نيج سچ اڀريو هو - جنهنجي جوت سموري سنڌ کي جرڪائي وڌي هئي. هر ڪنهن من ۾ هڪ نئون جذبو، هڪ نئين اُمنگ جاڳي هئي. پنهنجي آئنده جي اڏيندڙن کي انهيءَ تحريڪ جي حقيقت کان آگاهه ڪرڻ کان اڳ اهو نهايت ضروري آهي ته پاڪستان ٺهڻ کان وٺي ٤- مارچ ١٩٦٧ع تائين انهن هاڃن تي هڪ

تي ٽينڊڙ ڏاڍ ۽ ڌڪاءُ جا لتڪاءُ ڏسندا رهيا هئا، سي ڪنهن اهڙي موقعي جي تلاش ۾ هئا جو ڪين من ۾ متل ميچ مچائڻ جو موقعو ملي سگهي. اُنهن کي ڪنهن اهڙي ليڊر جي ڳولا هئي، جيڪو سندن اڳواڻي ڪري، کين ڏکِ لائي سگهي. هن ڌرتيءَ کي هڪ اهڙي ديواني جي گهرج هئي، جيڪو ڪنگر ڪوٽ جي اوچين ديوارن کي ڊاهي سگهي. هن گهٽيل ۽ ٻوساٽيل ماحول کي هڪ اهڙي رڙ جي ضرورت هئي، جيڪا ڌرتيءَ جي هِن ڪُنڊ کان هَن ڪنڊ تائين پکڙجي وڃي. سنڌڙي ماءُ پنهنجي اُجهاڻل اُجهاڻل اکڙين ۾ آسن اميدن جا انيڪ ڏيئا ٻاريو – روشن سويرن جو انتظار ڪري رهي هئي.

نومبر ۱۹۶۶ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ۽ ڪمشنر مسرور حسن جي دشمني عروج تي هئي. انهيءَ لاءِ سبب ڪهڙا به رهيا هجن، پر جيستائين منهنجي ڄاڻ جو تعلق آهي ته ان کان اڳ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جا شاگرد ڪرنل نجيب کي تڙي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪا هئا. وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان شاگردن جو پاسو ورتندي، ڪرنل نجيب جي ڪڍيل شاگردن کي امتحان ۾ ويهڻ جي اجازت ڏني. جيڪا مسرور حسن جي ڀيرين شڪست هئي. مسرور حسن جي ٻي شڪست انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ڪوٽا سسٽم جي شروعات هئي جنهن مطابق ٻهراڙيءَ جي شاگردن ۽ شهري شاگردن لاءِ سيٽن جي مقرري ڪئي وئي هئي، جنهنجي ڪري مهاجر، جيڪي سنڌي شاگردن جو حق ماري ويهندا هئا، سي هاڻ ائين ڪونه ٿي ڪري سگهيا. انهيءَ ڪوٽا سسٽم جاري ڪرائڻ ۾ جيڪا جدوجهد ڊاڪٽر افغان ۽ عبدالباقي شيخ پرنسپال ايگريڪلچرل ڪاليج ٽنڊو ڄام ڪئي هئي، تنهنتي انهن سڀني کي جتس هجي. مسرور حسن جيڪو هڪڙي شڪست کائي چڪو هو. تنهن انهيءَ نئين فتح کي به حسن علي عبدالرحمان جي ذات سان منسوب ڪيو ۽ حڪومت کي بدظن ڪرڻ لاءِ مٿس سنڌي نواز هئڻ جو الزام لڳايو. مهاجر شاگردن وري نام نهاد مهاجر ليڊر حافظ مبارڪ علي شاهه ۽ نواب مظفر حسين ذريعي انهيءَ مسئلي کي کنيو.

رهيا آهن. جنهنڪري يونيورسٽيءَ ۾ حالتون خراب ٿي رهيون آهن. انهن شاگردن کي چتاءُ ڏنو ته سنڌي مهاجر تحريڪ سنڌن لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿينديي. انهن مطالبن مڃڻ لاءِ ٻن مهينن جو مُدو ڏنو ويو، ٻي صورت ۾ شاگرد پنهنجا مطالبا مڃرائڻ لاءِ منظم تحريڪ هلائيندا.

انهيءَ چتاءَ ڪانپوءِ مهاجر شاگرد ڪجهه ڏينهن ته ماٺ رهيا... پر پوءِ وري انهن پر پرزا ڪڍڻ شروع ڪيا. سندن وفد ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر علمدار رضا ۽ ڪمشنر مسرور حسن سان ملي کين پنهنجا مطالبا پيش ڪندا رهيا ۽ هوڏانهن هر روز اخبار ۾ ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنرجون يقين دهانيون اخبارن ۾ اينديون رهيون ته: 'وائيس چانسلر جي خلاف قدم کنيو ويندو.' اردو پريس ته ايڏي هاءِ گهوڙا مچائي ته جي حسن علي عبدالرحمان کي نه ڪڍيو ويو ته ايوب خان جي حڪومت جون پاڙون پٽجي وينديون. ٦٧ع جي شروعات ۾ سائنس ڪانفرنس ٿي، جنهنجو افتتاح ايوب خان کي ڪرڻو هو، جنهن ۾ پاڪستان جي سڀني يونيورسٽين جا وائيس چانسلر به شريڪ ٿيڻا هئا. ان وقت C.I.D اها رپورٽ ڏني ته: سائنس ڪانفرنس کي ناڪام بنائڻ لاءِ سنڌي شاگرد ايوب خلاف مظاهرو ڪندا. انهيءَ ڪري اعلان ڪيو ويو ته وزير تعليم انجو افتتاح ڪندو. پر انتظاميه طرفان وزير تعليم کي به ساڳي رپورٽ ڏني وئي ته سندس خلاف به مظاهرو ٿيندو. جنهنڪري عين وقت تي وزير تعليم ڪونه آيو ۽ رضي الدين صديقي انجو افتتاح ڪيو. اهي سڀ رپورٽون فرضي هيون ۽ انتظاميه حڪومت کي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي ته حسن علي عبدالرحمان ـ ذوالفقار علي ڀٽي جو خاص ماڻهو آهي. شاگرد تحريڪ جي قيادت ڪري رهيو آهي. حالانڪ ڳالهه بلڪل انجي ابتڙ هئي. حسن علي هر صورت ۾ مهاجرن سان صلح ڪرڻ ٿي چاهي. سائنس ڪانفرنس ڪانپوءِ حڪومت اهو فيصلو ڪيو ته حسن علي عبدالرحمان کي وائيس چانسلر شپ تان هٽايو وڃي. فيبروريءَ جي آخري هفتي ۾ اها خبر شاگردن تائين پهچي چڪي هئي. انهن حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌي شاگردن طرفان روز اخبار ۾ بيان اچڻ

چند ٽڪن جي عيوض سنڌ جي عزت ۽ غيرت جوسودو ڪيو هو-
۽ جنهنجي سنڌ دشمني نواب مظفر حسين کان بہ چوٽ چڙهيل
هئي. سنڌي شاگردن جو اهو مطالبو هو تہ ڪمشنر مسرور حسن
کنهن بہ حالتہ هن يونيورسٽيءَ ۾ نہ اچڻ گهرجي. ۽ اسان اهو فيصلو
ڪيو تہ مسرور حسن کي هن اداري ۾ پير ڏرڻ جي اصل اجازت نہ
ڏبي. جنهن ڪانپوءِ اولڊ ڪيمپس جا سمورا ڪلاس اسان بند ڪرايا.
۽ پوءِ پنجن ڇهن بسن ۾ شاگرد پرجي نعرا لڳائيندا ڪمشنر جي
آفيس ڏي روانا ٿيا. اتي خبر پئي تہ ڪمشنر آفيس جي پوئين در کان
نڪري بنگلي تي هليو ويو آهي، انڪري اسين وري بسن ۾ چڙهي
ڪمشنر جي بنگلي تي آياسين. پوليس تمام گهڻي تعداد ۾ هئڻ ڪري
اسانجي اندر وڃڻ جي هر ڪوشش ناڪام ٿي وئي. هڪ وکي اسين
پنهنجو احتجاج ختم ڪري يونيورسٽي موٽي آياسين. جتي حسن علي
عبدالرحمان مونکي گهرائي ٻڌايو تہ ڪيس لاٿو ڪونہ ويو آهي، بلڪ
هو ٽن مهينن جي موڪل تي وڃي رهيو آهي. مونکي اعتبار ڪونہ
آيو ڇو تہ هو ڊنل ڊنل پئي ڏسڻ ۾ آيو. هن مونکي انهيءَ احتجاج
جي خوفناڪ انجام کان ڊيڄاريو پئي. ايتريقدر جو مونکي پنهنجي
عزت جا واسطا وجهي احتجاج تان هٿ کڻڻ لاءِ چيائين.

اسين وري بسن ۾ پرجي پوري شهر جو گشت ڪري نعرا
لڳائيندا نيو ڪيمپس ڄامشوري پهتاسين ۽ اتي بہ هڙتال ڪرائي وئي.
شام جو جنرل باڊي جي ميٽنگ هاسٽل پارڪ ۾ ڪوٺائي وئي.
مون محسوس ڪيو هو تہ شاگرد ڪن سببن ڪري بدل هئا تہ
مڪمل هڙتال ناممڪن آهي، جنهنجا ڪي سبب هئا. جيئن تہ:
يونيورسٽيءَ جا بہ حصا ٻارنهن ميلن جي مفاصلي تي هئڻ ڪري
شاگردن کي اها پڪ نہ هئي تہ ٻنهي حصن ۾ هڪ ئي وقت هڙتال
ڪيئن ٿي سگهي.

مهاجر شاگرد تعداد ۾ برابر يا پاڻ ڪٿي گهڻائي ۾ آهن ۽
جي اهي شامل نہ ٿيندا تہ سنڌي شاگرد پريڪٽيڪل ۽ پڙهائيءَ ۾
پٺتي رهجي ويندا.

هيلتائين ڪابہ شاگرد تحريڪ ڪڏهن بہ سنڌي بنياد تي نہ

۽ ڪيس مجبور ڪيائون ته هي تنهنجو BASS آهي، انهيءَ ڪي سلام ڪر. ۽ مجبور ٿي D.C صاحب کي، ڪتي ڪي سلامي ڏيڻي پئي. ساڳي رات ساڍي ٻارهين لڳي ڌاري محمد حسين ترڪ، قائم مقام وائيس چانسلر، سيني هيڊ آف دي ڊپارٽمنٽس جي اٺالي سميت مون سان ملڻ آيو. اسانکي پنهنجي احتجاج ختم ڪرڻ جي اپيل ڪئي ويئي. مون مٿن واضح ڪري ڇڏيو ته تحريڪ ڪي ڪنهن به حالتم ختم نه ڪيو ويندو. ڇو ته سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مان انهيءَ تحريڪ جي حمايت ٿي چڪي آهي. سنڌ جو عوام سجاڳ ٿي چڪو آهي ۽ سندن نظرون اسان ۾ آهن، تنهنڪري اسان عوام جي اعتماد کي دو ڪو نه ڏينداسين. انهن مونکي مجبور ڪيو ته مان ڪمشنر سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ٿيان. پر جيئن ته جنرل باڊي فيصلو ڪري چڪي هئي ته ڪمشنر سان ڪنهن به قسم جي ڳالهه ٻولهه نه ڪئي وڃي، تنهنڪري مون پنهنجي لاچاريءَ جو اظهار ڪيو، پر مندس مجبور ڪرڻ تي رات جو ٻين لڳي هاسٽل ۾ جنرل باڊي جي ميٽنگ سڏائي. جنهن ۾ شاگردن ترڪ جي درخواست منظور ڪري، مونکي ڪمشنر سان ڳالهائڻ جي اختياري ڏني. رات جو ٣ لڳي شاگردن جو هڪ وفد، جنهن ۾ مسعود نوراني، عثمان ڪيريو، راشدي محمد سعيد ۽ مان شامل هئاسين، ڪمشنر سان ملڻ لاءِ ويو. ڪمشنر سان ڇئين لڳي ڌاري رات جو ملياسين. هن نهايت ئي عاجزيءَ سان ڳالهايو ۽ بار بار اسانکي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ته حسن علي جي ڪيڻ ۾ هنجو هٿ نه آهي، پر جيڪڏهن شاگرد ائين سمجهن ٿا ته هو معافي وٺڻ لاءِ تيار آهي ۽ هن وفد کان معافي ورتي. مون ڪيس ٻڌايو ته: هن جدوجهد ۾ اسان سان شامل سنڌي شاگردن کان به معافي ورتي وڃي، فقط اسانکان نه. ڪمشنر پهرين ته اها ڳالهه مڃڻ کان ڪيٻايو پئي، پر جڏهن اسان ڪنهن به عارضي صلح ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته هن اسانجي موقف کي انهيءَ شرط سان مڃيو ته جيڪڏهن شاگردن ڪيس معاف نه ڪيو ته ڪيس يونيورسٽي مان سلامتيءَ سان نڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي ۽ سندس خلاف نعرا نه هنيا ويندا. هن انڪوائري ڪاميٽي مقرر ڪرڻ جي حامي ڀري،

چيو، جنهن تي شاگردن ڪنهن به حالت ۾ بيرڪن جي اندر وڃڻ کان انڪار ڪيو. واردن جيڪي اڳي عام قيدين سان خراب روش جا عادي هئا، تن گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. جنهن تي شاگرد مشتعل ٿي ويا، هڪ واردن کي مارڻ لاءِ جهلي ورتو. مان يڪدم اتي پهچي ويس- ۽ کيس ڇڏايم. مون کيس ٻڌايو ته هو بدتميزي نه ڪري ۽ بيرڪ کان ٻاهر هليو وڃي، ۽ پنهنجن آفيسرن کي موڪلي. اسان جيل ۾ نعرا هڻڻ شروع ڪيا. شاگردن سڄي جيل کي مٿي تي کڻي ڇڏيو ۽ ائين ٿي لڳو، ڄڻ جيل ۾ بغاوت ٿي ويئي آهي. پهرين رات، جيل ۾ پهرئين دفعي آيل مهمانن بغاوت شروع ڪري ڏني. جيل حڪام شايد انهيءَ ڳالهه لاءِ تيار نه هئا. هنن سمجهيو هو ته اسڪول جا شاگرد جهڙي طريقي سان پنهنجي استادن جي احترام ۾ خاموش رهندا آهن. اهڙي طريقي سان جيل حڪام جي اڳيان به هر زيادتي برداشت ڪري نوڙت ڪندا رهندا.

شاگردن جيل حڪام تي لعنت، مسرور تي لعنت، ايوب شاهي مرده باد، ون يونٽ مرده باد، مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون وغيره قسم جا نعرا هنيا. ڪجهه دير ڪانپوءِ جيل جي پٺي پاسي کان نعرن جا جواب ملڻ شروع ٿي ويا، شايد قيدي ٻاءُ اسانجي نعرن جو مطلب سمجهي ويا هئا. چاڪاڻ ته جنهن وقت اسان جيل ۾ ڦهتا هئاسين ته ڪيترن قيدين اسان سان همدردي ڏيکاري هئي ۽ پنهنجي تعاون جو يقين ڏياريو هو. هو اسانکان ذر ذر پڇي رهيا هئا. اوهان سنڌ جي ڪري جيل ۾ آيا آهيو. اسين اوهان تي ڪنهن به حالت ۾ ظلم ٿيڻ نه ڏينداسين. ڪجهه دير ڪانپوءِ جيل سپرنٽينڊنٽ شفقت ۽ اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ مظفر چنا ٻاچي ويا. اسانکي نعرن بند ڪرڻ لاءِ چيو ويو. اسان کين ٻڌايو ته جيستائين اسانکي بيرڪن ۾ آزاد گهمڻ جي سهوليت نه ڏني ويندي ۽ انهيءَ واردن کي اسانجي بيرڪن مان ٻاهر نه ڪڍيو ويندو، اسين بيرڪن اندر نه وينداسين. آخر ڪجهه دير ڪانپوءِ سپرنٽينڊنٽ اسانکي ٻڌايو ته اوهان بيرڪن ۾ وڃو، فقط اڄ رات بيرڪون بند ر کيون وينديون، ۽ صبح جو انهيءَ متعلق ڊائريڪٽر پرزنس کان اجازت وٺي ڏني ويندي ۽ پيو ته واردن کي فوري طور

شاگرد ڪافي بکيا هئا. (مان به پڻ ڏينهن کان بکيو هوس) هن واقعي جي ڪري ماني جي ڪابه طلب نه رهي هئي. شاگرد ساٿين به عهد ڪيو ته ڪنهن به حالت ۾ ماني نه کائيندا سين. انهيءَ وقت کان بک هڙتال ڪري ڏني سين. ٿوري دير ڪانپوءِ بلوچستان قومي اسيمبلي جو ميمبر دودا خان زرڪزئي ۽ الله بخش مگسي اسان سان ملڻ آيا، پنهي اچڻ شرط شاگردن جي پيرن جي مٿي ڪٽي پنهنجين اکين سان لاتي ۽ اسانکي انهيءَ جدوجهد تي مبارڪباد ڏني. دودا خان زرڪزئي اسانجو جذبو ڏسي، اسانکي ٻڌايو ته هاڻي: ون يونٽ ٽٽڻ کي دنيا جي ڪابه طاقت نٿي روڪي سگهي. هن چيو ته جيڪڏهن اسانوٽ ايترا تعليم يافته ورڪر هجن، ته اسين هميشائين آزاد ٿي چڪا هجون ها. دودا خان ۽ الله بخش مگسي اسانجي بک هڙتال جو ٻڌي ڪري پاڻ به اسان سان بک هڙتال ۾ شامل ٿي ويا ۽ چيائون ته اسين سڄي جيل ۾ بک هڙتال ڪرائيندا سون.

ٿوري دير ڪانپوءِ جيل جي سپرنٽينڊنٽ مونکي گهرايو، مان سندس آفيس ۾ ويس جتي رسول بخش پليجو، حميد سنڌي، محمد ميمڻ ۽ ڪجهه ٻيا وڪيل اتي موجود هئا. انهن حال احوال پڇيو ۽ اسانکي باهمت رهڻ جو چيو. رسول بخش پليجي سان ڪجهه ڏينهن اڳ ملاقات ٿي هئي. پليجي جهڙي نموني سان، منهنجي همت وڌائي هئي مونکي هن لاءِ نهايت ئي گهڻو احترام ٿي ويو. وري جو هنکي مون جيل ۾ ڏٺو ته مان ايترو ته خوش ٿيس، جو مون کٽي پليجي کي ڀاڪر پاتو. پليجي مونکان پڇيو ته: خبر ڏي شاگرد ساٿين جا ڪهڙا حال آهن؟ مون کيس ٻڌايو ته: جن ساٿين سان پليجي جهڙا ساٿي گڏ آهن، انهنکي ڪنهن به مشڪلات جي پرواهه نه آهي. شاگرد ساٿي باهمت آهن ۽ هوهر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهن. انهيءَ ڪانپوءِ رسول بخش پليجي ۽ ٻين دوستن وڪالتنامي تي صحيحون ورتيون ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويا. حميد سنڌي، جنهنجو پاءُ به مونسان جيل ۾ هو، تنهن ته اسانجي ايتري همت وڌائي جو مان سوچڻ لڳس ته سنڌ ديس ۾ اهڙا سپوت به آهن، جيڪي پنهنجن ڀائرن کي جيل ۾ وڃڻ ۽ قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ڪن ٿا.

ٿوري دير ڪانپوءِ اها ڳالهه هلي ويئي ته مونکي پنهنجن ساٿين کان الڳ ڪيو ويندو. شاگردن فيصلو ڪيو ته ڪنهن به حالت ۾ مونکي ڪانئن جدا ٿيڻ نه ڏنو ويندو. مون کين ٻڌايو ته اهو اهڙو مسئلو ڪونهي، جنهن تي ضد ڪجي، بهرحال شاگرد ڇڏڻ لاءِ تيار نه ٿيا. مون به ساڻن وعدو ڪيو ته جيسين تائين اوهان اجازت نه ڏيندا، مان ڪنهن پاسي به نه ويندس.

شاگردن چنا کي ٻڌائي ڇڏيو ته هائي ڪوبه شاگرد يوسف کي نه ڇڏيندو. ڪيترا دفعا چنا صاحب مونکي وٺڻ آيو، پر ڇوڪرن نه ڇڏيو.

ٽن ڇئن ڏينهن ڪانپوءِ چنا صاحب آيو ۽ مونکي اچي ٻڌايائين ته منهنجو والد صاحب سپرنٽينڊنٽ صاحب جي آفيس ۾ ويٺو آهي. مان سندس آفيس ۾ ويس، اتي والد صاحب ته ڪونه هو، پر مون ڏٺو ته اتي S.P ۽ S.H.O اميد علي جوڻيجو موجود هئا. اميد علي مونکي هڪ ليٽر ڏنو، جيڪو مون پڙهيو ته مونکي معلوم ٿيو ته هي D.P.R جو وارنٽ هو، جنهن تحت مونکي ۽ ٻين ساٿين کي گرفتار ڪيو ويو آهي.

مون وارنٽ وٺي ڪيس ڇيو ته ٻيو به ڪو وارنٽ آهي يا فقط اهو ئي آهي. S.P صاحب طنزيه طور ڇيو ته: اهو ته في الحال پهريون آهي، ٻئي دفعي ضرورت پئي ته اوهانکي ٻيا ليٽر به ڏنا ويندا. مونکي ڪاوڙ ته ڏاڍي آئي، پر مان لاچار چپ رهيس، ان ڪانپوءِ S.P هڪ رسيد سپرنٽينڊنٽ جيل کي لکي ڏني. مان واپس وڃڻ تي هوس ته S.P مونکي ترسڻ لاءِ چيو. ان ڪانپوءِ جوڻيجي صاحب مونکي ڇيو ته هاڻ اوهان اسانجي حوالي آهيو. مون کين ڇيو ته مونکي پنهنجو سامان کڻڻ جي اجازت ڏني وڃي. پر هنن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو. مون کين ٻڌايو ته منهنجا پير اُگهاڙا آهن، گهٽ ۾ گهٽ منهنجي جتي گهرائي ڏني وڃي. پر انهن ائين ڪرڻ کان به انڪار ڪيو.

خير مان پنهنجن ساٿين کان جدا ٿي، ڪنهن ٻي منزل طرف وڃي رهيو هوس. مان جيل کان ٻاهر نڪتس ته جوڻيجو ۽ ٻه ٽي

مسئلو سمجهي ڪمشنر کي سڀ اختيارات ڏيئي ڇڏيا.

شاگردن جي رٽ پٽيشن جناب عبدالستار پيرزادو، حفيظ پيرزاده داخل ڪري چڪا هئا. انهيءَ ۾ محترم مرحوم محمد ميمڻ ايڊوڪيٽ ۽ ڪامل راڄپر به نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو هو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ اسانکي آزاد ڪيو ويو. پر اسان آزاديءَ وقت اهو شرط رکيو هو، ته سڀ شاگرد غير مشروط طور تي آزاد ڪيا ويندا. وائس چانسلر صاحب سنڊيڪيٽ جو قسم کڻي انهيءَ لاءِ تيار ٿي ويو. پر پوءِ پڌڻ ۾ آيو ته مسرور انهيءَ ڳالهه کان ڦري ويو.

لالا عبدالقادر ۽ ٻيا ساٿي جيل ۾ رهجي ويا. جنجي آزادي هر حالت ۾ ضروري هئي. اسان انهن جي آزادي لاءِ هاءِ ڪورٽ ۾ محترم طفيل علي عبدالرحمان، عبدالستار پيرزادو، اي ڪي بروهي، محمد ميمڻ وڪيل ڪيا. جن پنهنجون خدمتون رضاڪارانه طور تي آڇيون ۽ اسانجي هرڪا مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا. انهن جو ذڪر نه آڻڻ هڪ زيادتي ٿيندي.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ مان ۽ يوسف ٽالپر، گورنر ۽ متعلقه حڪام سان ملڻ لاءِ لاهور روانا ٿياسين. وزيرن مان هوتي، محمد خان ۽ آخوند سان مليا سين. گورنر ته ملڻ لاءِ تيارئي نه هو. يونيورسٽي بند ٿي چڪي هئي، شاگرد ڇڙوڇڙ ٿي ويا هئا. هاسٽل ۽ يونيورسٽي تي پوليس جو پهرو هو، ڪنهن به شاگرد کي اندر گهڙڻ جي اجازت نٿي ڏني ويئي. انڪري ڪنهن به تحريڪ هلائڻ جي اميد نه هئي ته جيئن حڪومت تي دٻاءُ وجهي سگهجي. ٻئي طرف عبدالستار پيرزادي، اي ڪي بروهي، حفيظ پيرزادي ۽ طفيل علي صاحبن جو خيال هو ته لالا قادر جي گروپ جي آزادي نهايت ضروري آهي، ورنه حڪومت ڪيس اهڙو ته ٺاهيو آهي، جو انهن جو آزاد ٿيڻ ناممڪن آهي. لاهور ۾ اسانکي آخوند، هوتي ۽ جوڻيجي صاحب وعدو ڪيو ته جيڪڏهن اوهان پڙهائي شروع ڪندؤ ته شاگردن کي آزاد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. اسان ڪيس ٻڌايو ته هو شاگرد آزاد ڪري ۽ ڪمشنر جي خلاف انڪوائري جي خاطري ڏياري ته اسين پڙهائي ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. آخر هوتي ۽ محمد خان اسانجو پاسو ورتو ۽ آخوند کي

هڪ ڏينهن شهر ۾ گهمندي گرفتار ٿي ويو. هاڻي وري اسين مسعود جي پويان. آخر ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ مسود آزاد ٿيو.

اسانجا مطالبا اڃان پورا نه ٿيا هئا. مان، لالا قادر ۽ سڪندر عباسي اسيمبلي جي اجلاس ۾ سنڌي ميمبرن کي غيرت ڏيارڻ وياسين، پر شايد انوقت جي سنڌي ميمبرن قسم کنيو هو، ته هو سنڌ جي مفاد تي نه ڳالهائيندا. البت عطا محمد لنڊ ڪيترئي تحريڪون پيش ڪيون ۽ ۴- مارچ جي واقعي بابت ميمبرن کي آگاهه ڪيائين. آخر تحريڪ تي اسپيڪر صاحب ووٽ گهريا. افسوس آهي، جو ملڪ اختر ۽ خواجه صفدر ۽ ميجر اسلم جهڙن غير سنڌين تحريڪ جي فائدي ۾ ووٽ ڏنا. پر سنڌي ميمبرن ۾ سواءِ عطامحمد لنڊ جي، جنهن تحريڪ پيش ڪئي هئي، ٻئي ڪنهن ميمبر حمايت نه ڪئي. آخر عطا محمد لنڊ احتجاج طور تي اسيمبلي مان واڪ آئوٽ ڪري ويو.

اسيمبلي ۽ لاهور ڪراچي جي پريس ۾ آواز اٿارڻ ڪانپوءِ اسان واپس آياسين، اسانکي خبر پئي ته حڪومت يونيورسٽي کولڻ جو اعلان ڪيو آهي. يونيورسٽي پوليس جي پهري ۾ کلي. سنڌي شاگرد گهڻي تعداد ۾ نه پهتا هئا، ڇو جو اُهي ٻاهرين شهرن جا هئا. اسان، جيڪي به يونيورسٽيءَ ۾ حاضر سنڌي هئاسين، تن احتجاجي طور تي بائيڪاٽ ڪيو، پر مهاجر ڪلاسن ۾ حاضر ٿيندا رهيا. مسرور وري نئين بدمعاشي ڪئي. هن جي ڪوشش هئي ته ڪنهن به حالت ۾ سنڌي شاگردن جون همتون پُست ڪيون وڃن. انهيءَ ڪري چوڌري بشير، طاهر رضوي، طاهر صديقي، جهانگير آذر ۽ خيام دراني ۽ اهڙن باڊي بلڊرن اهو فيصلو ڪيو ته جيڪڏهن سنڌي شاگردن کي، جيڪي ٿوري تعداد ۾ آهن، تنکي ماريو ويو ته ٻيا سنڌي شاگرد جيڪي ٻاهر ٿا رهن، سي نه ايندا. هتان جي چند شاگردن کي اسين حراس ۾ آڻي سگهنداسين. انهيءَ ڪري مهاجر شاگرد ڪلاسن ۾ گروپ ٺاهي هلڻ لڳا ۽ اسانکي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا. انهيءَ تان هڪ ٻن سنڌي شاگردن سان انهن ٺٺا ٺوڪي

ڪٿي ۽ مونکي مارڻ لاءِ تيار ٿي ويا. مون بچاءُ لاءِ هڪ ڪاميٽي ٺاهي، جنهن ۾ رحيم سهتو، سڪندر عباسي، عمر پٺي ۽ لالا قادر ۽ مان شامل هئاسين. اسين سڀ گڏ علائي لڳاسين. اسان تي ڪئين حملا ٿيا، جنکي اسان پنهنجي همت سان ناڪام بنايو. جنهنجو نتيجو اهو نڪتو، جو ٽيٽيهه کن اردو شر پسند شاگرد زخمي ٿيا. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ وائس چانسلر وٽ اسانجي ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته سڀ شاگردن جا نمائندا وائس چانسلر جي اڳيان قرآن تي هٿ رکندا ۽ آئينده ڪوبه جهڳڙو نه ڪندا. اهڙي طريقي سان صلح ٿيو. ٻئي ڏينهن هڪ لڳي ڌاري مان اڪيلو يونيورسٽي ۾ بيٺو هوس، ته اتڪل ٽي سؤ کن اُردو شاگرد لٺين، ڇُرن ۽ لوهي سيخن سان مونتي حملو ڪري ڏنو. مون به جواب ۾ بچاءُ ڪيو، منهنجن ڌڪن سان به ٽي شاگرد زخمي ٿي پيا، پر مان شديد زخمي ٿي پيس. مون پنهنجو ڪافي بچاءُ ڪيو، پر بچاءُ منهنجي وس کان ٻاهر هو. انهيءَ وقت اسانجو دوست محمدعلي مرزا به اتي موجود هو، ڪن اردو شاگردن هن تي حملو ڪيو ۽ هنکي به ڇُرا لڳا. مونکي اها خبر نه هئي ته ڪو مون ڪانسواءِ ٻيو به ڪو زخمي ٿيو آهي. مان سڌو سٽي ٿاڻي تي آيس، پر صوبيدار رپورٽ وٺڻ کان انڪار ڪيو، ۽

**اهو سنڌي صوبيدار بي غيرت علي محمد لنڊ هو.**

ان ڪانپوءِ مان سول اسپتال پهتس، ٿوري دير ڪانپوءِ محمدعلي مرزا به پهتو، هو به شديد زخمي هو. اسانکي اسپتال ۾ داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائون. محترم ڪامل راڄپر جيڪو ان وقت ميڊيڪل اسٽوڊنٽ هو، اهو ڪجهه شاگرد وٺي آيو ۽ زبردست گوڙ ڪيائين. ان ڪانپوءِ يونيورسٽي جا شاگرد به پهچي ويا. مجبور ٿي اسپتال وارن اسانکي داخلا ڏني. پر ان سان گڏ مان گرفتار به ٿي چڪو هوس. وائس چانسلر ۽ آمن ڪاميٽي جا ميمبر مون سان ملڻ لاءِ آيا، پر مون ڳالهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. انهيءَ جو شديد رد عمل نڪتو ۽ سنڌي شاگردن مهاجر شاگردن تي حملا ڪري ڏنا. اتڪل هڪ سؤ کن مهاجر شاگرد ته رات جو هاسٽل ڇڏي ڀڳا ۽ ڪيترا شاگرد داخلا ڪيرائي ڪراچي يونيورسٽي وڃي پهتا.

طاهر رضوي، هوبر اسٽيڊ هال وٽان لنگهي رهيو هو ته سنڌي شاگردن کيس پڪڙي ورتو ۽ ڦٽي وڌائونس.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ مان اسپتال مان ٻاهر نڪتس ۽ (ڪامل راڄپر ايل. ايم. سي حڪام کي چٺي چڪو هو، ته جيستائين لغاري جي ضمانت نه ٿيندي تيستائين مان اسپتال مان نڪرڻ نه ڏيندس ۽ اهڙيءَ ريت انهن مونکي ضمانت تي آزاد ڪيو ) پوءِ ٽنواين جي حوالي. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ وري وائس چانسلر وٽ ميٽنگ ٿي، مون مهاجر شاگردن سان ڳالهائڻ کان انڪار ڪيو. فقط وائس چانسلر سان ڳالهايوسين. وائيس چانسلر کي مون ٻڌايو ته سنڌ الاجي ڊپارٽمنٽ لاءِ ٻه لک رپيا منظور ٿيل آهن، جيڪي ڪيترن سالن کان رليز نٿا ڪيا وڃن، اهي سنڌ الاجي کي يڪدم ملڻ گهرجن، ۽ مهاجر شاگردن جيڪڏهن ڪوبه حملو ڪيو ته اسان انهيءَ جو پوري قوت سان جواب ڏينداسين. مون وائس چانسلر کي اهو به چيو ته: اسانجي نظر ۾ هاڻ تون به مهاجر کان گهٽ نه آهين.

وائيس چانسلر الانا صاحب کي گهرائي ساڻس وعدو ڪيو ۽ اهڙو آرڊر صحيح سان ڪيائين.

پوءِ يونيورسٽي اٽڪل چئن مهينن جي بند رهڻ ڪانپوءِ کلي ۽ شاگردن ڪلاس اٽينڊ ڪيا.

پوءِ جيتوڻيڪ ظاهري طرح خاموشي ڇانئجي ويئي. ۽ ائين پئي لڳو ته شايد اها سنڌي تحريڪ ختم ٿي ويئي آهي. پر حقيقت ۾، ٤- مارچ تي سنڌي تحريڪ جي شروعات ٿي هئي. انهيءَ ڏينهن سنڌ ۾ نئون سج اڀريو هو. انهيءَ ڏينهن سنڌين جي دلين ۾ نئون عزم ۽ جذبو جاڳيو هو. انهيءَ ڏينهن ٻج ڇٽيو ويو هو. جنهنجو ڦل ڪجهه وقت ڪانپوءِ پڇي راس ٿيو. مسرور کي سنڌ مان وڃڻو پيو. ون يونٽ ٽٽو، جيئي سنڌ جو نعرو امر ٿي ويو.

آهيان. پر سائين، ماڻهو جيل ۾ ڏاڍو جذباتي هوندو آهي. سنڌ ۾ هنگامن جي‌ڪري آءٌ ذهني طرح تمام گهڻو Disturbed آهيان، انڪري ڪي تفصيل ته نه ڏيئي سگهندس پر ٻه ٽي واقعا عرض آهن.

١- چوٿين مارچ تي شام جو ڪابه جنرل باڊي ميٽنگ ڪانه ٿي هئي. اسين اولڊ ڪئمپس ۾ مسرور جي ڊيپارٽمينٽ سميت موجود هئاسين ۽ اتي ٽڪون پئي اڇلايون. ساڍي پنجين لڳي اسانکي اطلاع مليو ته اسانجي ڇوڪرن تي لاٺي چارج ڪئي ويئي آهي ۽ ڪين گرفتار ڪيو ويو آهي. اسان مشتعل ٿي هڪدم نعرا هڻندا ٻاهر نڪري آياسين ۽ اچي لاڪاليج، سچل ڪاليج ۽ نورمحمد هاءِ اسڪول بند ڪراياسين. شام جو ستين لڳي ڊاري ايس. پي آفيس ۽ يونيورسٽيءَ جي وچين روڊ تي مسرور حسن جو بوتو ساڙيوسين. انکانپوءِ يونيورسٽي جي ڇوڪرين جي ڇپر تي ميٽنگ ڪئي سون. جتي اسانجو تعداد پنجاه ڪن هو. اتي ٻه ايڪشن ڪاميٽيون ناميونسين. ٻهرين ۾ مسعود نوراني، مجيب، آغا زاهد ۽ آءٌ هئاسين ۽ ٻيءَ ۾ منور ميمڻ، محمد رحيم سهتو، سليم سنجراڻي، رفيق صفي ۽ مسعود پيرزادو هئا ۽ سعيد راشدي ميدان ۾ نه آيو هو. ها سچ، ڪاليج بند ڪرائي واپسيءَ تي ڪجهه ڇوڪرن نورمحمد هاءِ اسڪول جي سامهون بس جا شيشا ڀڳا هئا ۽ ريڊيو پاڪستان تي ڪجهه پٿر بازي ڪئي هئي.

٢- جيئن مسٽر نوراني چيو آهي ته: مير امداد عنايت ڪي بچائڻ لاءِ تقرير ڪئي هئي ۽ گرفتار ٿيو هو، سا ڳالهه غلط آهي. عنايت ڪاشميريءَ جي تقرير تي ڪنهن به اعتراض نه ڪيو هو.

٣- يونيورسٽي يونين جو پٽيوالو جيڪو گرفتار ٿيو هو، سو غلام محمد نه پر غلام قادر بلوچ هو، جيڪو لطيف آباد نمبر ٤ ۾ رهي ٿو.

٤- مسٽر حسين شاه بخاري انوقت ميدان ۾ نه هو، آءٌ پانيان ٿو ته هو پاڻ به ان ڳالهه جو اعتراف ڪندو.

٥- ٥ تاريخ تي اسان گڏجي ڪلاس بند ڪرايا هئا.

٦- اهو آءٌ هوس، جنهن پمفليٽ ڪڍڻ ۽ ڀتين تي لکڻ جي صلاح ڏني. ٥ تاريخ شام جو جڏهن سليم سنجراني، نظاماڻي، بخاري. عمر

ايترو مهربان ٿيندين، جو هي سڄو خط سهڻيءَ ۾ ڇپين.

دوست مسعود کي ياد هوندو ته اسان سيني جي آزاديءَ ڪانپوءِ جنرل باڊي ميٽنگ، جا رات جو اي ۽ بي بلاڪ جي ڇپر تي ٿي هئي، مون چيو هو: "ادا، ڪتي جهڙي وفادار جانور کي بدنام نه ڪريو، مسرور ته تمام ڪميڻو ماڻهو آهي."

(مٿيون خط 'جام ساقي' ويجهڙائيءَ ۾ ڪوئٽيا مان موڪليو آهي. ۽ اهو پڻ لکيو اٿس ته: اهڙو ساڳيو خط هُن' مونکي ڊسٽرڪٽ جيل ملتان مان ٢٨-٧-٧٢ تي انگريزيءَ ۾ لکي موڪليو هو، پر سندس چوڻ مطابق مون اُهو نه ڇاپيو. حقيقت ۾ مونکي اهو خط مليو ئي نه هو، جيڪڏهن نه ڇپيو هجي ها، ته هيءُ خط به نه ڇپيانس ها. سندس اهو چوڻ ته: 'تو (طارق) ۽ (مسعود) نوراني منهنجي جيل ۾ هجڻ جو فائدو ورتو آهي' بنهه غلط آهي. مضمون نورانيءَ جو لکيل آهي، سچ يا ڪوڙ لاءِ هو ذميوار آهي، جيڪڏهن هن ڪا ڳالهه غلط لکي آهي ته انهيءَ تحريڪ ۾ حصو وٺندڙن جو ڪم هو ته اُهي صحيح ڳالهه لکي موڪلين ها. جنهن حالت ۾ اهو مضمون ڇپجڻ کان اڳ يوسف لغاري پڙهيو هو، جيڪڏهن ڪا غلط ڳالهه هئي، ته هنکي نظر اچڻ گهرجي ها. بهرحال جيڪڏهن ڪنهن به اصل حقيقت لکي موڪلي، ته اُها سهڻيءَ ۾ ضرور ڇپبي. باقي جام جن ڳالهين جي وضاحت ڪئي آهي، انهن مان شايد ئي ڪا اهڙي ڳالهه هجي جنهنجي وضاحت ٿيڻ ضروري هئي. مان انهيءَ وقت کان جام کي سڃاڻان، جڏهن هو نه شاگرد اڳواڻ هو، ۽ نه ئي سياست ۾ پير پاتو هئائين. منهنجي ساڻس هميشه دوستي رهي آهي، جيتوڻيڪ جام سان منهنجو هميشه کان نظرياتي اختلاف رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته منهنجي سياست هميشه کان اها آهي ته ـــ فقط سنڌ ۽ سنڌ جو مفاد اسانکي هر شيءِ کان افضل آهي. پر جام سدائين: 'سنڌي مهاجر ڀائي ڀائي' جو قائل رهيو آهي، تنهڪري ئي اسانجو ساڻس شروع کان اختلاف رهيو آهي. ساقي جو چوڻ هو ته: 'هاري ۽ مزور مظلوم آهي، پوءِ اُهو سنڌ جو هجي

يا پنجاب جو.' پرمان انهيءَ نظرئي جو آهيان تہ: 'اسانکي فقط سنڌي هاري ۽ سنڌي مزور جو خيال رکڻ گهرجي. حقيقت ۾ ظلم انهن سان آهي. ۽ اهو تہ، ٻين صوبن جي ليڊرن تہ ٺهيو، آتي جي عوام بہ سنڌي هاري ۽ مزور جو ساٿ نہ ڏنو آهي. نہ فقط اهو، بلڪ پنهنجي مزور سنڌي مزور کان سندس مزوري کسي آهي. پنجاب جي هاري سنڌ جي هاريءَ کان سندس هارائپ ڦري آهي، زمينون ڦريون آهن.' ساقي ٻيو دفعو (منهنجي معلومات تحت) هن خط ۾ محمودالحق عثمانيءَ جي خلاف لکيو آهي، ورنہ هميشہ هنجو زبردست حامي رهيو آهي. ۴- مارچ ۾ بہ ساقي يوسف يا مسعود نوراني جو پوريءَ طرح ساٿ نہ ڏنو، بلڪ ساقي گهڻن هنڌن تي يوسف وارن جي مخالفت ڪندو رهيو آهي. هنجو اهو بہ چوڻ هو تہ: 'حسن علي عبدالرحمان بہ بيوروڪريٽ آهي. تنهنڪري مان توهانجو (يوسف وارن جو) ساٿ نہ ڏيندس.' ساقي ڪي وضاحت ڪرڻي هئي تہ انهيءَ جي ڪري ها. باقي پٽيوالي جو نالو غلام محمد نہ، بلڪ غلام قادر هو، اها تہ ڪا عظيم غلطي نہ هئي.

ساقي لکيو آهي تہ: مان نعپ جو انهيءَ ڪري حامي آهيان تہ: 'هيءَ چار قوميتن جي حامي آهي.' ۽ اهو بہ لکيو اٿس تہ: 'منهنجي خيال ۾ نعپ ٺيڪ پئي ڪري.' ساقي کي اهو عرض آهي تہ: اسين بہ نعپ جي منشور جي حمايت ڪندا رهيا آهيون، پر ڇا نعپ پنهنجي منشور تي عمل ڪيو آهي؟ سندن منشور ۾ 'علائقائي ٻولين' کي 'قومي ٻولين' جو درجو حاصل آهي، پر پاڻ اردوءَ ٻوليءَ کي پنهنجن صوبن ۾ سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏنائون. نہ فقط اهو، بلڪ سنڌ ۾ ٻوليءَ واري معاملي ۾ سنڌ سان ساٿ نہ ڏنائون، بلڪ سنڌ جي دشمنن سان همدردي ڪيائون. سندن منشور ۾ آهي تہ سندن حڪومت سيڪيولرازم تي قائم ٿيندي، پر ڇو پوءِ انهيءَ تان ڦري ويا؟ ۽ ساقي جو اهو چوڻ تہ: 'منهنجي خيال ۾ نعپ پنهنجي چوڻ تي قائم آهي، تنهنڪري ئي مان انهيءَ پارٽيءَ ۾ آهيان.' اهو بنهہ غلط آهي. مان ساقي کي چوندس تہ سنڌ جي مفاد کي نعپ جي مفاد تي قربان نہ ڪر. سڀ کان افضل پنهنجو ديس آهي. پهرين سنڌ ۽ پوءِ ٻي ڪا پارٽي. ۽ آها پارٽي،

۽ يحيٰ خان جهڙا آمر نه، پر موجوده حڪومت جا ڪرتا ڌرتا آهن. اها ڪيڏي نه شرمناڪ حرڪت آهي ته موجوده حاڪمن ظالمانه طريقي سان يوسف جي جائز روزگار تي ڌاڙو هڻي بي روزگار ڪري ڇڏيو آهي- هو ميرپور خاص ۾ وڪالت ڪندو هو، پر حڪومت کي اها ڳالهه به نه وڻي ۽ هنجي وڪالت ڪرڻ جو لائيسنس به رد ڪري ڇڏيو اٿن. ڇا فقط ان ڪري ته يوسف موجوده حڪومت جي قدمبوسي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي؟ آخر اهو ڪٿي جو انصاف آهي؟ صدر ڀٽي کي ڪير سمجهائي ته: سائين، يوسف، جنهن تي اڄ اوهانجي پاپائيت جو عتاب نازل ٿيل آهي، اهو ساڳيو يوسف آهي. جيڪو ايوب جي خلاف شروع ڪيل اوهانجي تحريڪ جي هر اول دستي جو عظيم سپاهي آهي. هيءَ اهوئي يوسف آهي جنهن ايوب جي آمرانه دؤر ۾، ڀٽي کي سنڌ ۾ قدم ڄمائڻ جو موقعو ڏنو. (ايوب جي دؤر ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي کي وزارت تان لاٿو ويو هو، ۽ اهو سخت عتاب هيٺ هو، ته يوسف لغاري جي پارٽي 'حيدرآباد اسٽوڊنٽ فيڊريشن' ڪنهن جو ڪي جيءَ به پرواهه نه ڪندي ڀٽي جي پنهنجي جلسي جي صدارت لاءِ سڏيو هو.) موجوده حڪمرانن کي ڪير ٻڌائي ته عوامي تحريڪ دوران جڏهن گهڻو ڪري سڀ شاگرد ليڊر جيل ۾ بند ٿي چڪا هئا ۽ ميدان ۾ ڪو مانجهي مڙس ڪونه رهيو هو، تڏهن يوسف جيڪو ان وقت لاهور ۾ فرسٽ ڪلاس آفيسر هو سو پنهنجي دوستن جي منع ڪرڻ جي باوجود آفيسري تي لت هڻي، ان تان استعيفيٰ ڏئي انهيءَ مقصد سان اچي انهيءَ ڪارون ۾ شامل ٿيو، جنهن کان هو ڪجهه وقت لاءِ جدا ٿي ويو هو، ته تحريڪ جاري رکي سگهجي. اسين ڄاڻون ٿا ته اڄ يوسف پريشان ضرور آهي، پر هنجي عزم ۾ لرزش نه آئي آهي نه ايندي، ڪيڏي نه ڏک جهڙي ڳالهه آهي، ته يوسف جهڙو عوامي ڪارڪن ته عتاب هيٺ آهي، پر درمحمد اُستي جهڙا ابن الوقت، موقعه پرست عوام دشمن، سنڌ دشمن ۽ جماعت اسلامي جا ڇاڙتا وزير آهن. اڄ مير منزل اهي آهن، جيڪي ڪلهه قاتلِ ڪاروان هئا.

هتي اهو واضح ڪرڻ به ضروري ٿو سمجهان، ته هن موضوع

وايون
نظم
نظم
نظم
نظم
نظم
نظم
نظم
وائي
نظم
وائي
نظم
بيت
نظم
نظم
نظم
نظم

# شعر

شيخ اياز
تنوير عباسي
اِمداد حسيني
اقبال جتوئي
فتاح ملڪ
سرفراز راڄڙ
راز ناٿڻ شاهي
نسرين جوڻيجو
مالڪ نديم
زيب ڀٽي
پيربخش پياسي
اسلم آزاد
خاڪي جويو
ميرمحمدپيرزادو
ستار
رحيم سهتو
نثار بزمي

شيخ اياز

# وايون

ماں ڪيڏانهن؟ ماں ڪيڏانهن ؟

آرهَڙ پَنڌُ اڳِيءَ ڪَــان آهکو آءٌ وڃان جيڏانهن!
ماں ڪيڏانهن؟ ماں ڪيڏانهن؟

ڪيڏِي لَنبِي واٽَ وڃي ٿِي مُنهنجي سُپني ڏانهن!
ماں ڪيڏانهن؟ ماں ڪيڏانهن؟

آءٌ، وِڇِينءَ جي ويلَ، نِگاهون لهندِي پاڇِي ڏانهن!
ماں ڪيڏانهن؟ ماں ڪيڏانهن؟

مُنهنجي وِڪَ اڳيئي وِترِي تُون بہ چڪِبن تِڏانهن!
ماں ڪيڏانهن؟ ماں ڪيڏانهن؟

---

جيتِ بہ ڪيٽِي وِنَڙِي ســو ڏونگرَ جو ڏاڪو،
متان هيئون هارِئين!

جيسين روهہ رَڻُون ٿِئي تي ڏَر (١) ۾ ڏَماڪو،
متان هيئون هارِئين!

چمڪِي ٿــو هــو چوٽِيئن (٢) تي لُنءَ لياڪو،
متان هيئون هارِئين!

شال نہ ڏسان ڏينهڙو جــو وَسُ چِـــڏي واڪو!
متان هيئون هارِئين!

---

(١) ڏر – ڏرتي (٢) چوٽِين – چوٽِن تي

اونداهي آڌ رات،
ڏونگر ستان ڏيڍڙا.
چڙهندي رهه تون چوٽيئين ڏکڻ نه منهنجي ذات!
ورسا جنهن کي پنڌ ۾ پتوري ٿي پرڀات!
پٽ جي سارڳ ۾ مرين پو به نه تنهنجي سات!
جيسين آهي جندڙي اُن اُن ٻُري لاٽ!

---

سينڌيءَ رتڙا پُرڪٽا پيرون ڪاڻون پير،
لٿو سيج اکن ۾.
ڪيسين پنگ ڪڙيان (۱) پيرين، واهيري جي وير؟
لٿو سيج اکن ۾.
آس نه ڪوئي آيرو ساموهون واريءَ ڍير!
لٿو سيج اکن ۾.
تون ٿي سارگ منڌ جو ڪوهيارل، مان ڪير!
لٿو سيج اکن ۾.

---

(۱) پنگ ڪڙيان — پيرا ڪٽان

مٿين، پيرين، مُونڊين ڪاهُيم تُنهنجي ڪَنڊِ،
سُپنا منهنجي ساهه جا!

ڏِينهون پوءِ پَٽَ رِي ونِهِن ڏوران ڏيئي ڏَڌِ،
سُپنا منهنجي ساهه جا!

وِرچي موٽان ماڳ ڪان ايءَ نه منهنجي آدِ،
سُپنا منهنجي ساهه جا!

چوڏارِي ٿو تون چڪين ڪهڙا مُنهنجا وَڌِ!
سُپنا منهنجي ساهه جا!
سُپنا منهنجي ساهه جا!

---

ڪَهڙي ماتِ مِيان!

گهوريو منهنجو چنڊڙو!
رَتُ پيو ريلا ڪَرِي ساوڻ مينهَن جيان؟
دانهون دانهون ديسَ جي ڪنهن کي دانهن ڏيان؟
روڳي راڳي ڏيهه جا ڪنهن کي ساتِ نيان؟
سوريءَ مٿان سَچُ سان مان ٿي ساتِ ٿيان!

هيءَ جو هيلُ لٿو
پٽڙ نه ڏوٺي پاڻيئن!

گوندر ويهر گيراهه سان آئي رتَ جي ٻوءِ،
هي جو هيل لٿو!

سرون پيا مانَ ۾ هٿيءَ هٿيءَ ٿي ساڻهو!
هي جو هيل لڏو!

ڏاڍا واڍا ڏيهه جا ڏيهه کڙن ڦابو
هي جو هيل لٿو!

---

آجُ هُو 'آءٌ'، 'اسان'،

منجهي ويئي مَن مان.
هلندو هوس اڪيلڙو گوندر ويهر گسان (۱)،
سنگتَ پنهنجي سات سان گڏجي شال رسان!
وايون ڳائيندي وات تي ساڻوڻ ساءِ (۲) وسان!
مَرندي، مارو ويندڙا مارڳ منجهه پسان!

---

(۱) گسان ـ گس تان (۲) ساڻوڻ ساءِ ـ ساڻوڻ وانگر

پالَ پَلاڻم پاڻ پڙا مَرڪِي نُنهنجي ماءُ،
موتُ نہ تنهنجي مات ڙي!

ڪارو گُل گُلاب جو توتِي گوليءَ گهاءُ،
موتُ نہ تنهنجي مات ڙي!

تارَن رَتيءَ راتِ ۾ نُنهنجو رَتُ تلاءُ،
موتُ نہ تنهنجي مات ڙي!

آنياڻيءَ جي آنت سان ٿيندو هيجَ دُڳاءُ،
موتُ نہ تنهنجي مات ڙي!

صدين لاءِ سُگَندَ سان ايندو نُنهنجو ساءُ،
موتُ نہ تنهنجي مات ڙي!

ديسُ دَلهاڻُن موتَ سان مُنهنجا باغي پاءُ،
موتُ نہ تنهنجي مات ڙي!

---

هِي جو ڳوٺَ ڳڱاتيا وِاتهہ ڪَرِي ٿي وَسَ
سَچُ وِساڻو سَچَ جو۔

پارِي سمان پَرچِي وَيا سوڙها ڳُوندرَ ڳَسَ
سَچُ وِساڻو سَچَ جو۔

ڪارِي راتِ، ڪَلالَ جي ڪونِي ڪانهي چَسَ
سَچُ وِساڻو سَچَ جو۔

ڪالهہ پَريل ها باهہ سان تارونءَ ڪارَڻِ تَسَ(١)
سَچُ وِساڻو سَچَ جو۔

چارَڻَ ٻارَڻُ ٻارِڪو ڏِي ڪا اُونءَ اَنَسَ!
سَچُ وِساڻو سَچَ جو۔
سَچُ وِساڻو سَچَ جو۔

---

(١) تَسَ ـ تانوَ

گونڌر! مُنهنجي گيتَ ساڻ اهڙي آ گَ اُپار
جَرڪي ڏيهہُ جَراتَ سان ـ

ڪارا نيرَ (١) ڪَٽ جا چوري چِنگُ پگهار
جَرڪي ڏيهہُ جَراتَ سان ـ

ڏِسُ هي مارو ماتِ ۾ ويٺا ڏِنگهرن ڏارَ!
جَرڪي ڏيهہُ جَراتَ سان ـ

جوتِ اُجهاڻل جيئڙا ڪنهن ٻارَڻ سان ٻارِ!
جَرڪي ڏيهہُ جَراتَ سان ـ

ڪَڙَ نسوري ڪُوڙَ جا ڪيري رَڪَ ٻُهارِ
جَرڪي ڏيهہُ جَراتَ سان،
جَرڪي ڏيهہُ جَراتَ سان ـ

---

(١) نيرَ ـ زنجير

تنوير عباسي

# اسان پاڻ رهبر

نہ ڏس آسمان ڏي
نہ ڏس آسمان ڏي

ملائڪ نہ لهندا
نبي ڪونہ ايندو

هي دک جو اسان تي
آ نازل ٿيو ان جو
ڪو عيسيٰ اچي ۽
مسيحا نہ ٿيندو

اسانجي ڪلهن تي دکن جا صليب
اسان پاڻ پنهنجا مسيحا
اسان پاڻ پنهنجا پيغمبر
اسان پاڻ رهبر
اسان پاڻ ئي قافلو پاڻ سر واڻ آهيون
اسان پاڻ ئي پنهنجي دردن جو دارون
اسان پاڻ ئي پنهنجو نر واڻ آهيون

اسان پاڻ ئي رات جي رڻ جا راهي
اسان پاڻ آهيون پرهہ جا پيغمبر-
اسان پاڻ رهبر

اِمداد حسيني

# ٤ - مارچ جي ٻئي ڏينهن

چوٿين مارچ ته هر سال ايندي
هر سال اهو ئي ڊمچر ٿيندو
هرڪو ٻير مان ٻاهر نڪري
دڙا هٽي هن ڌرتيءَ جي
ڌُوڙ اُڏائيندو ايندو
جهنڊا جهولائيندو ايندو
بينر ڦڙڪائيندو ايندو
نعرن جي هنبوڇي هوندي
آوازن جي گهمسان اندر
ڪئميرا جي 'ٽيڙڪ' ٻڌڻ لئي
هرڪو پيو ڪنائيندو
چوڪن تي تقريرون ٿينديون
هرڪو ليڊر ٻڌجي پوندو
'مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون
سنڌڙيءَ ڪارڻ سر ڏينداسين
گهر تڙ پنهنجو گهورينداسين
هوشو هيمون ٿينداسين.'
(٢)
جڏهن غبار جهڪو ٿي ويندو
رات جڏهن ڪاهيندي ايندي
هرڪو پنهنجي ٻِر ۾ گهڙندو
جهنڊن جا ڳاديلا ٿاهي
بينر جو سليپنگ سوٽ سبائي
روپ ڪونگهرن جو نعرا وٺندا
تقريرن جو وقلڙ ٿيندو

نوڪرين جا سُندر سپنا
پنھنجو چار پڪيڙيندا
(ڪوريئڙي جو چار بہ ڏاڍو
سُندر ھوندو آھي سائين)
ھرڪنھن کي ننڊ نھوڙي نيندي

(٣)

پنجين مارچ انھيءَ جي آھي
جو بہ خوشامد ڄاڻي ٿو
'سٺي سفارش' آڻي ٿو
چاپلوس جي چاندي آھي
'حاضر سائينءَ' وارن لئي
ھرڪا ڪرسي واندي آھي
چوٿين مارچ تہ ھر سال ايندي
پنجين مارچ بہ ھر سال ايندي

---

## اقبال جتوئي

---

# اظھار جي آزاديءَ لاءِ وڙھندڙ ڏانھن

پوئتي ڇو ٿو ورين
ٿورڙو اڳيرو آءُ
پلي ھوريان ھوريان
ننڍڙن پارن جيان
بانبڙا ئي پاءِ
پر اڳيرو، اڳيرو آ.
تنھنجي زخمن جا نشان
شاھد ھوندا سيان
ڪو نہ چوندو ائين:
پن ڇڻندا ڏسي
ڏاھي وقت سان ياري رکي ڇڏي،

# سدا سنڌ رهندي...

متان ائين سمجهين اسان آ وساريو
ڪڏهن تو جو ڪنهنجو ڪٿي رت هاريو
اها ئي سنڌو آ، اهو ئي ڪنارو
جتي تو نه سمجهيو، ڦڳڻ آ ڦلاريو
اسانجي انگن ڪي ڏنا جهير تو ها
انهن مان اسان سڄ نئون آ اڀاريو
ڪڏهن تو جي ڪنهنجا اکڻ آ اُجاڙيا
انهن ۾ اڃي ڏس اسان ديپ ٻاريو
جتي سنڌ مارڻ تو سمجهي هئي سولي
اُتي سنڌ توڪي هميشه لاءِ ماريو
اسانجي آ مڪلي، اسانجي آ ڪينجهر
جتي ماءُ پل پل آ امرت پياريو
اڳي پي ٿيا ۽ اڃا پي ڪي ٿيندا
نه ميدان ٽڪبا نڪي ڪو جياريو
سدا سنڌ رهندي آزاد ۽ آباد
اروڙان پڄي اڄ مري ويو آ ڌاريو

## تنهنجي راهه ۾

سرفراز راڄڙ

پيا جهوليندا
رت ۾ لت پت جهنڊا
دنيا ڏسندي،
هستي مستي
جيجل تنهنجي شان متان
صدقو ٿيندي.
سڀڪو ڏسندو،
هڪ ڏينهن ايندو،
هرڪو ويندو،
تنهنجي راهه ۾ سر ڏئي.

راز ناڏن شاهي

# چوٿين مارچ

وقت جو واءُ ورائي ويٺو،
تاريخن جا ورق پراڻا،
لال لهوءَ ۾ پُسيل ساڳيا -
ڪالهه به ڏرتيءَ پاتو هو،
ريٽي رنگ جو ويس نڪورو -
اڄ بي ساڳيو
سج چڙهيو آ،
واهڻ واهڻ آيري آيا
ڪات ڪهاڙا،
چانديءَ جهڙا جهرمر ڏاتا -
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين،
منهنجا سائين،
سنڌڙي ماءُ جا ڪوپا ڪونڌر،
سندرا ساهي،
سينا تاڻي،
سنڌوءَ ڪپ تي،
ڏاڍ سان ازلي ويڙهه وڙهڻ لئه،
سڪ جو سولو واءُ ورڻ لئه،
متاهه وڙهيا ها،
جنهن ۾ منهنجي پاءُ وڙهي ؟
ڪلندي ڪلندي ڪنڌ ڪپايو،
تو به ڏٺو هو،
مون به ڏٺو هو،
هن ڏرتيءَ تي،

ڳاڙهو ڳاڙهو جرڪا ڏيندڙ رت نرالو،
جيڪو آدجڳاد کان وهندو آيو آهي—
وهندو رهندو—
چاهي منهنجو ياءُ هجي،
يا، چاهي تنهنجو ياءُ هجي،
هن ڌرتيءَ جي آزادي لئه وڙهندو رهندو—
هوشو، هيمو، دولهه دريا،
جهڙو ويس مٽائي ايندو—
ڏاڍي سان ازلي ويڙهه وڙهڻ لئه،
موٽي ايندو—
موٽي ايندو—

## نسرين جوڻيجو

# آزاد نظم

جي سمونڊ جي پاتار مان،
ڳولهي ڪي لعل، سنوارڻ چاهين سنڌ
مُرڪائڻ چاهين جي مهراڻ
جرڪائڻ چاهين جي تون جنڌ
جي تون چاهين وير چڙهي
۽ پنهنجي ڪنارن کي ٻوڙي
اندر جي اونهاين مان
لال لهوءَ جا لڙڪ وهاءِ
پنهنجي مٺڙن ماروئڙن لاءِ
سانگيئڙن ۽ جهانگيئڙن لاءِ
مُرڪي پوندي سنڌ
جرڪي پوندي جنڌ
جي تون چاهين
پر جي چاهين

ملڪ نديم

# وائي

ساري ٽوڪي سنڌ سڏي ٿو،
يوسف او يوسف مارچ مهينو آيو آ.

عباسيءَ جو ڪيڏارو ڪنهن وڏي واڪي ڳايو آ،
يوسف او يوسف،
مارچ مهينو آيو آ.

شهر شهر جي مسرورن لا اڄ ٻيي ڪڙم ڪنبايو آ،
يوسف او يوسف،
مارچ مهينو آيو آ.

صديون ڪان هن ديس جي سانگين سڪن لئه واجهايو آ،
يوسف او يوسف،
مارچ مهينو آيو آ.

ديوانن جي خوابن کي لا ڪنهن نه سچ بڻايو آ،
يوسف او يوسف،
مارچ مهينو آيو آ.

چوڌ چوڌ جيءُ ۾ اڳ ۾ تيءُ تو ڪڏهن ڪين لنوايو آ،
يوسف او يوسف،
مارچ مهينو آيو آ.

ساڳي سنڌو ساڳيا سانگي، ڏاڍن ڏيھ ڏڪايو آ.
يوسف او يوسف،
مارچ مهينو آيو آ.

پار پوڻ جو پھ ڪرڻ لئه وقت کي منڊ موٽايو آ،
يوسف او يوسف،
مارچ مهينو آيو آ
مارچ مهينو آيو آ

زيب ڀٽي

## ٤- مارچ

سورهيه سپوتن جو هي سُرخو رنگ،
ريت ۾ ريٽو ڇڻ سنڌوءَ جو هو ننگ.

ويريءَ دشمن اڄ وڌو هو ونگ،
ڇڻ سنڌ سڄيءَ ۾ ڇُريو هو ڇنگ.

جوڌن جوٽي هٿي اڄ جگري جنگ،
سرخ ٻٽيو هو سنڌو سارو سنگ.

هي ڌرتي ٽي جن لئه اڄ تنگ،
لحظي ۾ لهي ويو تن جو زهري زنگ.

مارچ جو معارڪو آهي جن لئه ڏنگ،
خوب خبر پئي ڏسي هي رنگ ۽ ڍنگ.

جاڳيا مانجهي مڙس، شهرهجي يا جهنگ،
حيران عقل ٿيو تن جو دنگ.

سورهيه سپوتن جو هي سُرخو رنگ،
ريت ۾ ريٽو ڇڻ سنڌوءَ جو هو ننگ.

## پير بخش پياسي

# وائي

ساهه ڏئي سر سنڌڙيءَ خاطر، ڪوندر ڪنڌ ڪپايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

گهر گهر گهائي گهوٽ وڏءَ چڙهي، ڏونگر ڏيل ڏڪايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

ماڪ هيئڻ ماڻي منزل پنهنجي، ڪنهن آ قرب ڪمايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

لاٽ ڏئي جي جوت جهڪيءَ کي، پنيٺ تي پڙڪايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

دودو دريا هوشو هيمون، پي هٿا ڪين گهٽايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

ڪلي ڪلي اڄ ڪالهه آ تنهنجي، تن تن تند تپايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

محب ميناواه منهن کي پنهنجي، موري (١) منجهه مرڪايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

موت کي منهن ڏئي نيٺ ملهائي، نينهن سان نينهن نڀايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

وار ٿيا ڪيئي ظلم اکيان پر، پنهنجو سِر نه نمايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

رت جي ريٽا 'پياسي' پٽ تي، سنڌوءَ مان وڌايو تو!
پنهنجو پاڻ پسايو تو!

---

(١) موري - شهر جو نالو

اسلم آزاد

# چوٿين- مارچ جو پٽر *

چوٿين- مارچ جا ڳيرو،
جوڙا،
ڪاٽي آهيو.
اڄ ٻي ساڳيو ڏينهن آ آيو،
اڇو وري اڄ،
رتَ ۾ ريٽو اجرڪ لهرايو.
انڪي پنهنجو علم بنائي،
ڪنڌ ڪپايو،
ڇو تہ سنڌڙيءَ،
منهنجي جندڙيءَ،
جو ڪاريهر جهڙو ويري،
اهو نشان پٽر پٽي ويو آ،
جت رت وهيو هو،
جت جيئي سنڌ جو علم ڪٽو هو.
اڇو وري اڄ،
پنهنجي لال لهوءَ سان،
نئون نشان پٽر چٽي ڇڏيو،
او سنڌ جا ڳيرو جوڙا!

* پٽر سان مراد آهو بورڊ آهي، جيڪو يونيورسٽيءَ جي هڪ شاگرد، انهيءَ هنڌ هٽايو هو، جتي ۴ مارچ جي واردات ٿي هئي.

## خاڪي جويو

### بيت

موٽي مارچ آئيو، سوڍا لهو سار،
آزاديءَ جي آسري، آهن ٻيڌا ٻار،
ڏرتي ڪريو ڏار، دوکي جي ديوار ڪان.

موٽي مارچ آئيو، نئين نياپي ساڻ،
اٿن آزاديءَ لئه، هيٺا هڙئي هاڻ،
ڳهيلا ڳوراڻ، لاهيو لاهيو لوهه جي.

لهوءَ ۾ ٽي ليٽيا، لکن جهڙا لال،
وڙهندي ويڙهه وجود جي، ڏاري ڪنهن ڏال،
چال مٿاهون چال، ڏيندا ڏهيس ويا.

لهوءَ ۾ ٽي ليٽيا، سنڌوءَ جا سرواڻ،
آزادي جي عشق جا، اهي ها اهڃاڻ،
رت ۾ رنوڇاڻ، وڙهندي ٿيا ويڙهه ۾.

جيڏن جوٽي جنگ، آزاديءَ جي آسري،
سيٺي سات ڌٽيءَ جي، ساٿي ٿيا سنگ،
ڏيت ڌٽين هر ڊنگ، پڙ ۾ پاڻ ملهائيو.

وڙهندي وڙهندي ويڙهه، لڳ لهوءَ ۾ لوئيا،
آزاديءَ جي آ اڇي، مانجهين ورتي ميڙهه،
راوت اڪيتي ويڙهه، وکون وڙهندي ريڙهه ۾.

## مير محمد پيرزادو

# ٤- مارچ

منهنجي آيل،
سنڌڙي اڄ آ گهايل گهايل، تايل، تايل،
منهنجي آيل!

منهنجي ماءُ،
ڏارين، پنهنجن جا سَوَ گهاءُ، هـــاءِ الاَ!
منهنجي ماءُ!

تنهنجي لاءِ،
پنهنجن ڪـــي آ ننڍ اٿـــاهه، بـــاقـــي پيـــا،
چـــا ڪندا!

سـچ پچين،
ديس پنهنجي لئه ڪجهه نه ڪرين، پُـڏي مرين،
بي موت مرين!

مـڙس هجين،
مـــارچ آئـــي آ چـــوٿـيـــن، لال لهوءَ سين،
رڻ رڱـين!

همت نه هار،
سوڀ سنڌي جي اٿئي سـار، آڏي يـــار،
ڍال نـه ڍار!

ستار

# چوٿين- مارچ جا جوڏا

آ اڄ توکي سائين،
سيني لايان،
تو سينڌ سنواري سنڌوءَ جي،
اي جوڌا چوٿين مارچ جا.
اڄ ڏينهن وري آ آيو،
چوٿين - مارچ جو.

هي ڏينهن لهوءَ ۾ لت پت آهي،
اڄ ئي ڌرتيءَ کان آپ تائين،
رت ۾ ريٽو جهنڊو جهوليو.
جنهن ساري سنڌ سجاڳ ڪئي.
هر سنڌيءَ لئي،
هي ڏينهن مقدس آهي،
جنهن چاڻ ڏني اڏڄاڻن کي،
سو ڏانهن سدورو آيو آ،
سو ڏينهن سدورو آيو آ.

رحيم سوهتو مجاهد

## ظلم

تشدد ستم جي اي خاموش نگري،
سچي سونهن واري اي معصوم سندري،
ڪٿاهي ڦاٽي اڄ تون لڳين ٿي ڳنڍري،
لڳين سر زمين تون هنوئي ٿي هنگري،
غم ساز دل کي مون ڇيڙيو ٿي نہ آهي.
غم داستان لب تي آيو نہ آهي.

پلاري پيون ٿي انڌيرا هيڏا،
جي خاموش پر ويٺاسين جيڏا،
سٺا ظلم انسان سر تي جبلن جيڏا،
هي دور ڪارا تہ ڪربل جهڙا،
زبان بند هر وقت خاموش آهيون.
اسين جهڙا هن جڳ جا انسان ناهيون.

زبان تي بہ تالو ڇپن تي بہ تالو،
مگر پوءِ بہ عاشق وٺن ٿا هي نالو،
جيئي سنڌ ڳايون هي جاني جمالو،
وطن لاءِ جيئون ٿي 'مجاهد' اُجالو،
اهڙو جذبو ساٿي جاڳايو وطن ۾،
بهارون کي آڻيون وطن ۾ چمن ۾.

